# سرسو

ٻهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو

جولاءِ - ڊسمبر 2020ع

مُک موضوع

## صنفي برابري ۽ سرسو





سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)

## سرسو جو خواب

پنتي پيل ڪميونٽين کي خاص طور تي سماجي ۽ معاشي طور سگهارو ڏسڻ ۽ روين جي تبديلي ذريعي سرگرم ڪميونٽي تنظيمن جوڙڻ ۾ مدد ڪرڻ تہ جيئن آزادي سان ماڻهن جي صلاحيتن ۽ راضپي سان غربت جو خاتمو ڪري سگهن.

## سرسو جو نصب العين

غربت کي شڪست ڏيڻ واري للڪار کي منهن ڏيڻ ۽ غريبن کي غربت جي لڪير کان مٿي آڻڻ ۽ هڪ معياري زندگي گذارڻ ۾ سهڪار ڪرڻ. پوئتي پيل ڀهراڙيءَ جي ماڻهن جي زندگي جي معيار ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ پنهنجي مدد پاڻ هيٺ صلاحيت اجاگر ڪرڻ.

## سرسو جا مقصد

- سنڌ ۾ غربت جي خاتمي لاءِ ماڻهن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ راضپي کي اُڀارڻ.
- پاڪستان حڪومت جي غربت ختم ڪرڻ واري پاليسي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ.
- سنڌ حڪومت جي غربت گهٽائڻ واريون حڪمت عمليون عمل ۾ آڻڻ وارين ڪوشش ۾ مدد ڪرڻ ۽ مضبوط ڪرڻ.

اهي ماڻهون جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائيءِ جا ڪم ڪن ٿا، انهن لاءِ انعام آهي (القران)

اَڄُ رَسِيلا رَنگَ، بادَل ڪَڍِيا بُرجَنِ سين؛
سازَ، سارَنگِيُون، سُرَندا، وَڄائي بَرُ چَنگَ؛
صُراحِيُون سارَنگَ، پِلِنِيُون راتِ پَدامَ تي. شاهه لَطيف


چهه ماهي
# سرسو
ميگزين

جولاءِ - ڊسمبر 2020ع



**ايڊيٽر**
نويد اسحاق ميمڻ

**اسسٽنٽ ايڊيٽر**
علي انور آزاد

**ايڊيٽوريل بورڊ**
غلام رسول سميجو
نياز احمد هنگورو
شازيه زبير
زبير سومرو
حفيظ بوزدار
عبدالمنان چاچڙ
بابر جاگيراڻي

**ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ**
بخت علي ابڙو

**فوٽوگرافي**
محمد حنيف هنگورو



**رابطي لاءِ ڏس پتو**
مانيٽرنگ، اويليوئيشن ۽ ريسرچ يونٽ
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)
سرسو ڪامپليڪس ، شڪارپور روڊ، سکر (سنڌ)
فون: 071-56271820
فيڪس: 071-5627182-111
ويب سائيٽ: www.srso.org.pk



**ڇپيندڙ**
فائن پيپر مارٽ، سکر (سنڌ)


## فهرست


- ايڊيٽر پاران ____ 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ____ 3
- **ڪميونٽي ادارن سان ڳالهه ٻولهه:** ڊاڪٽر شيرين مصطفيٰ ناريجو ____ 4
- **ڪميونٽي ادارن سان ڳالهه ٻولهه:** آءِ ايف اي ڊي مشن جو دورو ____ 6
- **مُک موضوع :** صنفي برابري ۽ سرسو جو ڪم ____ 9
- **سرسو عمل ۾:** سرسو جي ڪرونا وبا خلاف جنگ ____ 16
- **سرسو عمل ۾:** مُون سُون برساتي ٻوڏ: صورتحال ۽ سرسو جي ايمرجنسي امداد ____ 24
- سرسو جي اهم سرگرمين جو تصوير نامو ____ 25
- **تعليم ۽ تربيت:** اهم صنفي اصطلاح ____ 35
- **ڪامياب ڪهاڻيون:** ننڍپڻ جي شادين خلاف ڪميونٽي اداري جي ڪاميابي ____ 40
- **ڪامياب ڪهاڻيون:** هنر منهنجو هڪ قيمتي اثاثو آهي ____ 41
- **ڪميونٽي ادارن جو تعارف:** ايل ايس او ايڪتا جو تعارف ____ 44
- **پيو رُخ :** سنڌ جي عورتن جا منجهيل مسئلا ۽ صنفي امتياز ____ 48
- سرسو ۽ ميڊيا ____ 51



هيڊ آفيس: **سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)**
سرسو ڪامپليڪس، شڪارپور روڊ، سکر (سنڌ)

# ايڊيٽر پاران

اسان جي معاشري ۾ صنفي امتياز هڪ حقيقت آهي، جيڪا عورتن جي ترقي جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رُڪاوٽ پڻ آهي. صنفي فرق جون پاڙون اسان جي فرسوده معاشرتي نظام ۾ کُتل آهن، جنهن جي خاتمي کان سواءِ صنفي برابري جي بنيادن تي ترقي، خوشحالي، انصاف ۽ برابري واري معاشري جي قيام وارو خواب پورو نٿو ٿي سگهي. ان ڪي هڪ اهم سماجي مسئلي طور سمجهڻ جي ضرورت آهي.

سرسو پنهنجي سموري ترقياتي ڪم جو بنياد صنفي برابري جي اصول تي رکيو آهي. هڪ اهم شعبي طور ان اصول کي پنهنجي هر پروگرام ۽ سرگرمي جو لازمي حصو سمجهي ٿي. ان ڪري ايڊيٽوريل بورڊ فيصلو ڪيو ته سرسو ميگزين جو هڪ شمارو صنفي برابري تي مُکيه موضوع طور شايع ڪيو وڃي ته جيئن ڪميونٽي ادارن ۽ سرسو ٽيم کي صنفي برابري ۽ ڪم متعلق وڌيڪ ڄاڻ ملي سگهي. ان فيصلي جي روشني ۾ هي خاص شمارو ترتيب ڏنو ويو آهي. شماري ۾ صنفي برابري ۽ سرسو جي ڪم جي حوالي سان گڏوگڏ صنفي برابري جي موضوع بابت اهم تجزياتي مضمون، ڪامياب ڪهاڻيون، ڪميونٽي ادارن ڪردار، صنفي ملڪي ۽ عالمي قانونن ۽ صورتحال بابت معلومات مهيا ڪئي وئي آهي. شماري ۾ ترقي جي شعبي ۾ استعمال ٿيندڙ اهم صنفي اصطلاحن جي معنيٰ، سرسو جي ڪرونا خلاف جاري جنگ ۽ برساتي ٻوڏ دوران ڪيل ايمرجنسي امداد جي سرگرمين، سرسو جون ڪامياب ڪهاڻيون، ڳوناڻي تنظيمن جي گڏيل نيٽورڪ ايڪتا جو تعارف ۽ سنڌ جي عورتن جي مسئلن بابت معلوماتي ۽ تجزياتي مضمون شامل آهن. هي سمورا ليک سرسو ٽيم جي ساٿين پاران لکيا ۽ ترتيب ڏنا ويا آهن. هي شمارو پڙهندڙن کي هڪ طرف صنف بابت اهم معلومات ۽ تجزيو مهيا ڪري ٿو ته ٻئي طرف سرسو جي ڪم بابت به ڄاڻ پڻ مهيا ڪري ٿو.

سرسو پاران سنڌي ميگزين کي خاص طور تي ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن جي ذهني سجاڳي ۽ ترقي بابت تربيت جي مقصد سان تيار ڪري شايع ڪيو وڃي ٿو. ان ڪري انهن تائين پُهچ کي يقيني پڻ بڻايو وڃي ٿو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪميونٽي ادارا ان مان ڀرپور فائدو وٺن. وڌيڪ بهتري لاءِ اسان کي اوهان جي راين جو انتظار رهندو.

توهان جي راين ۽ سهڪار جي اوسيئڙي ۾

**نويد اسحاق ميمڻ**

سينيئر مئنيجر

مانيٽرنگ، اويليوئيشن ۽ ريسرچ يونٽ

سرسو

# چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام

اسان جو معاشرو پيچيده جوڙجڪ رکي ٿو، جنهن ۾ سماجي، معاشي ۽ سياسي گروهه ۽ ادارا گڏيل طور تي ڪنهن بہ معاشري جي جوڙجڪ ۽ ڪردار جو تعين ڪن ٿا. بنيادي طور تي معاشرو انساني ترقي واري مقصد لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ ان کي مؤثر بڻائڻ لاءِ هر فرد، گروهه ۽ اداري جو ڪردار اهم آهي. جڏهن معاشري جي ڪنهن سماجي گروهه يا اداري جي معاشرتي تبديلي ۽ ترقي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي راهه ۾ رُڪاوٽ وڌي وڃي ٿي تہ اڻ برابري پيدا ٿئي ٿي جيڪو مجموعي طور تي پوري معاشري جو گڏيل مسئلو ۽ نقصان هوندو آهي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت جي گهٽتائي ۽ ڳوناڻي ترقي جي لاءِ مقامي آبادين سان گڏجي جدوجهد ڪري رهي آهي. سرسو جي سموري ترقياتي ڪم جو محور عورتون ئي آهن ۽ ترقياتي فلسفي ۽ حڪمت عملي جو مقصد صنفي برابري حاصل ڪرڻ آهي. سرسو سمجهي ٿي تہ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جون عورتون خاص طور تي پٺتي پيل آهن، ترقياتي سهولتن، ادارن ۽ وسيلن تائين انهن جي پُهچ ناهي. غربت جو سڀ کان وڌيڪ خراب اثر بہ عورتن تي ئي پوي ٿو ۽ سڀ کان وڌيڪ اهي صنفي اڻبرابري جو شڪار آهن. اسان جي معاشري ۾ صنفي اڻبرابري ۽ امتيازي سلوڪ پنهنجي هڪ خراب شڪل ۾ موجود آهي، جنهن کي عورتون هر سطح تي مُنهن ڏين ٿيون. ان جي خاتمي کان سواءِ اهي تبديلي ۽ ترقي جي عمل ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا نٿيون ڪري سگهن. ان سماجي مسئلي جي نوعيت، پس منظر، اهم شڪلين ، معاشري ۽ عورتن تي اثرن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي ۽ ان کان پوءِ ئي ان جي خلاف سماجي جاڳرتا ۽ روين ۾ تبديلي وارو ڪم بهتر طور تي ڪري سگهجي ٿو.

سرسو ميگزين جو خاص شمارو صنفي برابري جي موضُوع تي شايع ڪرڻ هڪ اهم ڪوشش آهي، جنهن سان صنفي برابري جي اهميت ۽ صنفي اڻبرابري ۽ امتيازي سلوڪ ۽ صورتحال بابت ڄاڻ ملندي ۽ سرسو جي ڪم ۽ ڪردار بابت پڻ خبر پوي ٿي. صنفي برابري واري اصولن تي ٻڌل معاشري جو قيام اسان سڀني جو گڏيل خواب آهي، جنهن لاءِ اسان سڀني کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

ساٿ سلامت

توهان جي ترقيءَ جي سفر جو ساٿي

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر

سرسو

### ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

# سرسو ٽيم ۽ ڪميونٽي ادارن جي ڪارڪن عورتن سان ڳالهه ٻولهه

## ڊاڪٽر شيرين مصطفيٰ ناريجو

## سيڪريٽري پلاننگ (پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ) حڪومت سنڌ

**سکر ۽ لاڙڪاڻو/ ڊسمبر 5 ۽ 6، 2020**

ڊاڪٽر شيرين مصطفيٰ ناريجو سيڪريٽري پلاننگ (پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ) حڪومتِ سنڌ ڊسمبر 5 ۽ 6، 2020ع تي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جو دورو ڪيو. دوري جي پهرين ڏينهن سرسو هيڊ آفيس سکر ۾ سينيئر مئنيجمينٽ سان ترقياتي مڪالمي جو بندوبست ڪيو ويو ته جيئن ترقياتي ماهر طور غربت جي گهٽتائي، عورتن جي ترقي ۽ حڪومتي پاليسي بابت سندس خيال، معلومات ۽ تجربا ٻڌي انهن مان رهنمائي حاصل ڪري سگهجي. ڳالهه ٻولهه کان اڳ سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو خاص مهمان ۽ شرڪتڪارن کي ڀليڪار ڪيو ۽ چيو ته ”اسان کي خوشي محسوس ٿي رهي آهي جو ڊاڪٽر صاحبه پنهنجي قيمتي گهڙين مان ڪجهه گهڙيون سرسو جي نانءُ ڪيون آهن.“ پاڻ وڌيڪ چيو ته اسان کي فخر آهي ته ”جڏهن به سرسو کي ضرورت پئي آهي ته ڊاڪٽر صاحبه هميشه اسان جي رهنمائي ڪئي آهي.“




ڊاڪٽر صاحبه پنهنجي ڳالهه ٻولهه ۾ ترقي ۽ ان جي مختلف پهلوئن تي ڳالهايو، خاص طور تي جديد ڄاڻ واري معيشيت (ناليج اکانومي) جي دور ۾ ترقي ۽ غربت جي گهٽتائي لاءِ ڪم ڪرڻ جي لاءِ نئين ڄاڻ، سکيا ۽ حڪمت عملي اپنائڻ جي اهميت تي روشني وڌي. پاڻ سنڌ حڪومت جي عورتن جي ترقي ۽ غربت جي خاتمي ۽ ڪميونٽي ڊولپمينٽ واري پاليسي، حڪمت عملي ۽

# ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن سان ڳالھ ٻولھ

پروگرامن تي جاڻ ڏني ۽ پائدار ترقياتي مقصدن (ايس ڊي جيز) جي اھميت، انھن کي ھر پروگرام جو حصو بڻائڻ ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪرڻ تي زور ڏنو. آخر ۾ شرڪتڪارن سندس پيش ڪيل خيالن ۽ نُڪتن تي سوال پُڇيا جن جو پاڻ تفصيل سان جواب ڏنا.

ڊاڪٽر صاحب ٻئي ڏينھن تي لاڙڪاڻي جودؤروڪيو جنھن ۾ پاڻ يورپين يونين جي مالي سھڪار سان ھلندڙ سڪسيس پروگرام ھيٺ مختلف سرگرميون وزٽ ڪيون ۽ ڪميونٽي ادارن جي ڪارڪن عورتن سان ڳالھ ٻولھ ڪئي. وزٽ دوران سڪسيس پروگرام جو ٽيم ليڊر محترم جمال مصطفيٰ شورو ۽ سندس ٽيم ساٿس گڏ ھئي. ھن ڪاروبار جي واڌاري ذريعي غربت جي گھٽتائي ۽ عورتن جي معاشي خود مختياري لاءِ جوڙيل بزنس ڊولپمينٽ گروپ (بي ڊي جي) "گاجي ديرو" ۽ "سونا ھٽ" تعلقو ڏوڪري جو دورو ڪيو، پاڻ گروپن پاران ھلندڙ ڪاروبار آڏاٽي ۽ مٽيءَ مان تيار ڪيل سامان ڏٺو ۽ ڪاروبار ڪندڙ عورتن جي ھنر ۽ ڪم جي ساراھ پڻ ڪئي.

ڪميونٽي ادارن جي نمائندن ۽ ڪاروبار ڪندڙ (بي ڊي جيز)جي ميمبر عورتن سان ڳالھ ٻولھ ۾ پاڻ عورتن جي اڳواڻيءَ ۾ ڪميونٽي ادارن جي قيام ۽ ڪم ڪرڻ کي سرسو جي وڏي ڪاميابي قرار ڏنو ۽ اھڙيءَ طرح ان عمل کي اڳتي وڌائيندي عورتن جا ڪاروباري گروپ جوڙي ڪاروبار ڪرڻ کي سنڌ جي ٻھراڙيءَ جي عورتن جي معاشي خودمختياري، سماجي تبديلي ۽ ترقي طرف ھڪ ٻئي وڏي وک سمجھي تي. ڳالھ ٻولھ ۾ پاڻ موجوده وقت ۾ مستقبل جي ڪاروباري موقعن، ڪاروبار جي بھتر منصوبا بندي ۽ انتظامڪاري، مارڪيٽ جي ضرورتن، ۽ گراھڪن جي ضرورتن جي نشاندھي ڪرڻ ۽ انھن موقعن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ تي زور ڀريو. ھن وڌيڪ چيو تہ "ڪاروبار جي ترقي ذريعي ٻھراڙيءَ مان بيروزگاري ۽ غربت جو خاتمو آڻي سگھجي ٿو. ان لاءِ نيون ھنري سڪيائون ۽ ڪاروباري مھارتون وڌائڻيون پونديون."

ڊاڪٽر صاحب لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (ايل ايس او) "سنڌو درياھ" يو سي گاجي ديرو ۽ ڳوناٺي تنظيم (وي او) لال بخش شيخ يونين ڪائونسل موھن جو دڙو جو بہ دورو ڪيو ۽ ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان ملي ۽ ڳالھ ٻولھ پڻ ڪئي. پنھنجي ڳالھ ٻولھ ۾ ھن ڪميونٽي ادارن جي ڪردارکي ساراھيو ۽ چيو تہ "ڪميونٽي ادارن کي وڌيڪ جذبي ۽ منصوبہ سازي سان ڳوناٺي ترقي، عورتن جي ترقي ۽ غربت جي خاتمي لاءِ اڳتي اچڻو پوندو ۽ ڪاروبار جي لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ ۽ ڪاروبار ڪندڙ عورتن جي رھنمائي ۽ مدد ڪرڻي پوندي." پاڻ ڪميونٽي ادارن جي پائدارترقيءَ ۾ ڪردار تي بہ ڳالھ ٻولھ ڪئي.



## ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

# نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام حڪومتِ پاڪستان انٽرنيشنل فنڊ فار ايگريڪلچر ڊولپمينٽ مشن جو دؤرو ۽ ڪشمور- ڪنڌ ڪوٽ ۽ شڪارپور ضلعن ۾ ڪميونٽي ادارن جي نمائندن ۽ پروگرام مان فائدو وٺندڙن سان ڳالهه ٻولهه

ڪشمور- ڪنڌ ڪوٽ ۽ شڪارپور/ 24 ۽ 25 آڪٽوبر 2020

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران پاڪستان پاروٽي ايليويشن فنڊ (پي پي اي ايف) جي سهڪار سان حڪومتِ پاڪستان جي احساس آمدن هيٺ انٽرنيشنل فنڊ فارايگريڪلچر ڊولپمينٽ (International Fund for Agricultures Development-IFAD) جي مالي مدد سان نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام (National Poverty Graduation Programme-NPGP) شڪارپور ۽ ڪشمور- ڪندڪوٽ ضلعن ۾ 2019 کان عمل ۾ آڻي رهي آهي. ان سلسلي ۾ هڪ وفد پي پي اي ايف جي نمائندن سان گڏجي ٻنهي ضلعن ۾ سرسو جي سرگرمين جو دورو ڪيو. دوري جو مقصد ڪميونٽي ادارن ۽ فائدو حاصل ڪندڙن سان گڏجي پروگرام جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ هو. ان حوالي سان وفد ٻنهي ضلعن ۾ سرسو جي نمائندن کان علاوه پروگرام ۾ شامل ڪميونٽي ادارن جي نمائندن ۽ فائدو حاصل ڪندڙ عورتن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. پروگرام جي اثرن جو جائزو ۽ مليل پيداواري اثاثن جو مشاهدو ڪيو.



محترم ربنواز (آءِ ايف اي ڊي) وفد جي اڳواڻي ڪري رهيو هو. جنهن ۾ آءِ ايف اي ڊي جو محترم وسيم ۽ پي پي اي ايف کان محترم فاضل، محترم سيد عمران شاهه، محترم مُنيزه ۽ محترم احسن رياض شامل هئا. جڏهن ته سرسو پاران چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محترم محمد

## ڪميونٽي ادارن ۾ ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

ڏتل ڪلهوڙو، ريجنل جنرل مئنيجر جمال مصطفيٰ شورو ۽ پروگرام مئنيجر مظفر علي پنهور پڻ ساڻن گڏ هئا.




پهرين ڏينهن وفد ضلعي ڪشمور جو دورو ڪيو. جنهن ۾ هنن وليج آرگنائيزيشن مغل گولو يونين ڪائونسل آڪيرو ۽ وليج آرگنائيزيشن دلشاد پنگوار يوسي دولتپور ۾ ڪميونٽي ادارن جي نمائندن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. ڪميونٽي ادارن سان گڏجاڻين ۾ مشن کي سنڌ جي روايتي ثقافتي طريقي سان ڀلي ڪار ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ لوڪل سپورٽ آرگنائزيشن (ايل ايس او) جي نمائندن محترم صاحب ۽ محترم ميرزادي اداري جو تعارف ڪرايو، جنهن ۾ علائقي جي سماجي، معاشي صورتحال، يو سي جا انگ اکر ۽ اداري جي مقصدن، تنظيمي ڍانچي، ڪيل سرگرمين، هلندڙ پروگرام ۾ اهم ڪاميابين جو ذڪر شامل هو. ڪين اين پي جي پي هيٺ ڪميونٽي ادارن (سي اوز، وي اوز ۽ ايل ايس اوز) کي بهتر سرگرم ڪرڻ جي عمل بابت تفصيل سان ٻڌايو ويو. ايل ايس او جي نمائندن پاران پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙن جي چونڊ، پيداواري اثاثن جي خريداري، ورهاست، شڪايتن کي حل ڪرڻ ۽ معيار کي يقيني بڻائڻ لاءِ جوڙيل پاليسي ۽ طريقڪار بابت وفد کي تفصيلي ڄاڻ ڏني. ان موقعي تي وفد پاران گڏجاڻي ۾ شريڪ ڪجهه فائدو حاصل ڪندڙن کان سنڌن جي زباني ڪميونٽي اداري پاران رابطي ڪرڻ، پلان جوڙڻ، چونڊ ڪرڻ، وسيلا مهيا ڪرڻ، مليل اثاثن جي معيار، هن وقت اثاثن جي حالت ۽ مليل فائدن جون ڪهاڻيون ٻڌيون ۽ سوال جواب ڪيا. جنهن ۾ سڀ اهم ڪامياب ڪهاڻي محترمه نجمه ٻڌائي. هن چيو ته "مون کي اين پي جي پي پروگرام تحت پنهنجي پلان مطابق چنگچي رڪشو مليو، جيڪو منهنجو جسماني طور معذور مڙس هلائي ٿو ۽ اسين 600 کان 800 روپيا روزاني ڪمائڻ جي قابل بڻيا آهيون، جيڪو اڳ اسان لاءِ خواب هو" وفد ڳوٺ ۾ موجود مليل اثاثا پڻ ڏنا ۽ فائدو حاصل ڪندڙ جا ويچار ٻڌا.

ان موقعي تي وفد جي سربراهه محترم ربنواز ڳالهائيندي چيو ته " اسان کي نين مهارتن جي ترقي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. ان لاءِ نون خيالن ۽ مهارتن کي اپنائڻو پوندو. ڪميونٽي کي راضي ڪرڻ گهرجي ته اهي چوپايي مال پالڻ توڙي نون ڪاروبارن ۾ تربيت حاصل ڪن ۽ پنهنجا پيداواري اثاثا وڌائي غربت جو خاتمو آڻين. جنهن لاءِ هڪ مؤثر جياپي جي سيڙپ جو پلان (Livelihood Investment Plan) ڪميونٽي سان گڏجي جوڙي ڪم ڪرڻو پوندو."

دوري جي ٻئي ڏنهن 25 آڪٽوبر 2020، تي وفد شڪارپور جو دورو ڪيو ۽ وليج آرگنائيزيشن ڏٽي بخش ملڪ يونين ڪائونسل طيب ۾ ڪميونٽي ادارن ۽ پروگرام جي فائدو حاصل ڪندڙن سان گڏجاڻي ڪئي. وفد کي ڳوٺ پهچڻ تي ايل ايس او

## ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن سان ڳالهہ ٻولهہ

جي صدر محترمہ رُخسانہ ۽ وي او صدر آمنہ پاران پليڪار ڪيو ويو. ايل ايس او ڪائنات يوسي طيب بابت تفصيلي بريفنگ پيش ڪئي، جنهن ۾ هلندڙ اين پي جي پي پروگرام جو تفصيل پڻ شامل هو. محترم ربنواز ايل ايس او ڪائنات جي ڪاميابين بابت ٻڌي خوشي جو اظهار ڪيو ۽ ان بابت وڌيڪ تفصيل معلوم ڪيا، جنهن تي گڏجاڻي ۾ موجود سرسو سي اِي او محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو ڳالهائيندي چيو تہ ”سرسو ايل ايس او جي ڪارڪنن جو جذبو ۽ محنت ڏسي شڪارپور ضلعي ۾ هلندڙ پروگرامن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ايل ايس او جي عورت اڳواڻن روايتي قبيلائي نظام ۾ رهندي سماجي تبديلي ۽ ڪميونٽي جي ترقي ۾ بيمثال ڪم ڪيو آهي.“ جڏهن تہ وي او ڏٽي بخش اين پي جي پي پروگرام هيٺ ڪيل ڪمن جو تفصيل ٻڌايو. رسمي تعارف ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪان پوءِ گڏجاڻي ۾ شريڪ پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ عورتن سان مڪالمي جو آغاز ڪيو ويو. جنهن جو آغاز چيف آيگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو ڪيو ۽ فائدو حاصل ڪندڙ عورتن پنهنجون پنهنجون ڪهاڻيون ٻڌايون تہ ”ڪهڙيءَ طرح هي پروگرام ۾ شامل ٿيون، پيداواري اثاثا حاصل ڪيا ۽ انهن مان فائدو حاصل ڪري رهيون آهن.“ ان موقعي تي وفد ۾ شامل ميمبرن فائدو حاصل ڪندڙن ڪان مختلف سوال ڪيا ۽ پروگرام بابت انهن جا خيال ۽ رايا حاصل ڪيا. وفد ڳوٺ ۾ موجود چوپايي مال ۽ ڪرياني جي دوڪاندارن جا اثاثا پڻ وزٽ ڪيا ۽ انهن جي فائدن، آمدني، ريڪارڊ ۽ پيش ايندڙ مسئلن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. ڳوٺ ۾ وفد يادگار طور تي وڻڪاري پڻ ڪئي.

دوري دوران (آءِ ايف اي ڊي) پاران اين پي جي پي جي ٻئي اهم حصي بغير وياج قرض (انٽريسٽ فري لون) (آءِ ايف ايل) شروع ڪرڻ جو اعلان پڻ ڪيو.

محترم ربنواز دوري جي پُڄاڻي تي سرسو پاران بهتر وزٽ، منظم ايل ايس او ۽ وي اوز ڪميونٽي ادارن جي نمائندن ۽ پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۽ مليل اثاثا وزٽ جو موقعو فراهم ڪرڻ تي ٿورو مڃيو. ان موقعي تي پاڻ وڌيڪ چيو تہ ”بنا ڪنهن شڪ جي ڪميونٽي ادارا شاندار ڪم ڪري رهيا آهن، انهن جون اڳواڻ عورتون جذبي ۽ محنت سان پنهنجي علائقي جي غريب ترين گهراڻن ۽ ڪميونٽي جي ترقي ۽ غربت جي گهٽتائي لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن. سرسو پنهنجي ڪميونٽي ادارن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو هڪ بهترين مثال آهي، جنهن کي ڏسي يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ پروگرام پنهنجو مقصد ڪاميابيءَ سان ماڻيندو.“



مُک موضوع

# صنفي برابري انساني برابري، احترام، ترقي ۽ انصاف جو بنياد آهي

## سرسو جي غربت گھٽائڻ، ڳوٺاڻي ترقي ۽ ڪميونٽين کي بااختيار بڻائڻ واري ڪم جو بنيادي مقصد


تحرير ۽ جائزو: علي انور آزاد
اسسٽنٽ مئنيجر، ڪميونيڪيشن ۽ ڊاڪيومينٽيشن،
سرسو هيڊ آفيس سکر


### تعارف

عورتون ترقي ۾ (Women In Development-WID) ۽ عورتون ۽ ترقي (Women and Development-WAD) جي تصورن ۽ ترقي جي عملي ماڊل هيٺ 90 جي ڏهاڪن تائين ترقي ڪندڙ ملڪن ۽ معاشرن ۾ سرڪاري توڙي ترقياتي ۽ مدد ڪندڙ ادارا زور شور سان ڪم ڪندا رهيا آهن. جنهن ۾ به عورتون صرف ترقي جي عمل ۾ شرڪت ۽ فائدو حاصل ڪندڙ طور شامل رهيون. جڏهن انهن صنفي تصورن، پاليسن ۽ پروگرامن جو تجزيو ڪيو ويو ته اها ڳالهه چٽيءَ طرح سامهون آئي ته ان عمل سان عورتن جي ترقي جي عمل ۾ شرڪت ۽ انهن جي ترقي لاءِ منصوبن ۾ ته اضافو آيو، مگر معاشري ۾ مجموعي طور تي ۽ خاص طور تي عورتن جي حالتن ۽ حثيت ۾ ڪو به فرق نه آيو. ان کان پوءِ صنف ۽ ترقي جو تصور سامهون آيو. ان تصور مطابق ” صنف ۽ ترقي جو تعلق صرف عورتن سان ناهي، بلڪي معاشرتي طور تي صنف جي تشڪيل ۽ مخصوص ڪردار ادا ڪرڻ سان آهي. ترقي جو اهو نظريو جنهن جو بنياد ان تي بيٺل آهي



## مُک موضوع

| جنس | صنف |
|---|---|
| هي پيدائشي هوندو آهي ۽ ان جو تعلق جسماني عضون سان آهي. | هي تعليم ۽ واڌ ويجهہ سان تعمير ڪيو ويندو آهي ۽ ان جو تعلق سوچ ۽ رويہ سان هوندو آهي. |
| جنس عام طور تبديل نٿي ڪري سگهجي | صنفي خيال وقت سان گڏوگڏ تبديل ٿيندا رهندا آهن. |
| جنس جسم جي ساخت تي مشتمل هوندي آهي. | صنف خيالن، نظرين ۽ روين تي مبني هوندي آهي. |
| جنس جو معاشرتي، سياسي ۽ سماجي رشتن سان گهرو تعلق هوندو آهي. | صنف معاشرتي، معاشي ۽ سماجي رشتن جي تعلق سان نهندي آهي. |
| جنس جا آثار فطري هوندا آهن مثلن: مردن جي منهن تي ڏاڙهي ۽ مُڇون هجڻ. | صنف جا آثار سڪيل ۽ تربيت جي متعلق هوندا آهن. |
| جنس آثار تي عام طور تي قابو ناهي هوندو مثلن: اسان رنگ تبديل نٿا ڪري سگهون. | صنفي خيالن ۽ روين تي قابو هوندو آهي، ڇو تہ انهن کي تبديل ڪري سگهجي ٿو. |
| جنس حياتياتي هوندي آهي. | صنف تصوراتي هوندي آهي. |
| جنس پوري دنيا ۾ هڪجهڙي هوندي آهي. | صنفي خيال هڪ جڳهہ کان ٻئي جڳهہ تي ۽ تاريخي دورن ۾ تبديل ٿيندا رهندا آهن |

*حوالو: ڊي سي ايچ ڊي پاران شايع ٿيل انساني حقن بابت بنيادي تصورن وارو تربيتي مينوئل*

نہ تمام پاليسن، پروگرام ۽ منصوبن ۾ مردن ۽ عورتن، چوڪرن ۽ چوڪرين جي ضرورتن، اوليتن، ڪردار ۽ ان تي ترقي جي فرق ۽ اثرن کي نظر ۾ رکڻ گهرجي. GAD نظريي مطابق صنفي برابري حاصل ڪرڻ لاءِ ترقي ۾ عورتن جي ڪردار کي تسليم ڪرڻ ۽ سمجهڻ گهرجي. GADجو مقصد عورتن جي مردن جي برابر وسيلن تائين پُهچ ۽ انهن تي ڪنٽرول کي وڌائڻ آهي. جيئن تہ صنفي تجزين مان اها ڳالهہ صاف ظاهر ٿي آهي تہ عورتون برابر فائدا حاصل ناهن ڪنديون. ”GADعورتن جي مسئلن“کي حاشياتي سطح کان ڪڍي ڪري ترقي جي ايجنڊا ۾ مرڪزي اهميت ڏيندو آهي. “ (حوالو: صنفي اصطلاحي لغت، شرڪت گاهہ ڪراچي)

صنفي برابري ۽ انصاف جي تصور کي عملي طور لاڳو ٿيڻ کان سواءِ معاشري، ملڪ ۽ عورتن جي پائداري سماجي ترقي ۽ انصاف وارو مقصد حاصل نٿو ڪري سگهجي. هن وقت دنيا ۾ عورتن جي برابري ۽ انصاف جي اصولن کي هر قانون، پاليسي ۽ پروگرام جو لازمي حصو سمجهيو وڃي ٿو ۽ هر سطح تي هر قسم جي صنفي امتياز جي خاتمي جي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي. سماجي ترقي جي شعبي ۾ صنفي برابري تي ڪم ڪرڻ، ان بابت حساسيت پيدا ڪرڻ ۽ عملي طور تي لاڳو ڪرڻ کان سواءِ سماجي ترقي ۽ تبديلي جو ڪو تصور نٿو ڪري سگهجي. هن جائزي ۾ اسين صنفي برابري، امتياز جي شڪلين، صورتحال ۽ سرسو جي ڪم کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسون

### صنف ڇا آهي؟

صنف کي سمجهڻ لاءِ جنس ۽ صنف جي تصورن ۾ بنيادي فرق کي سمجهڻو پوندو.

معاشري ۾ مردن، عورتن ۽ چوڪرين جي مختلف ڪردار، ذميدارين ۽ موقعن ۾ معاشرتي امتياز جي

## مُک موضوع

نشاندهي ڪئي ويندي آهي. مردن، عورتن، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي وچ ۾ هي معاشرتي امتياز سکيو ويندو آهي. جيڪو وقت سان گڏ تبديل ٿي سگهي ٿو ۽ مختلف معاشرن ۾ انهن جي نوعيت ۾ فرق ٿي سگهي ٿو. لفظ صنف ۽ جنس ۾ فرق ڪرڻ ضروري آهي. جنس جو لفظ مرد ۽ عورت جي وچ ۾ حياتياتي فرق جي حوالي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته صنف جو لفظ عورتاڻي ۽ مرداڻي سماج جي ناهيل مختلف ڪردارن، ذميدارين ۽ روين جي حوالي سان استعمال ٿيندو آهي.

### صنفي امتياز ڇا آهي؟

عام طور تي ڪنهن انسان کي ان جي اهليت بجاءِ مرد يا عورت هجڻ جي بنياد تي غير برابري واري سلوڪ کي صنفي امتياز چيو ويندو آهي.

جڏهن ته گڏيل قومن جي عورتن خلاف هر قسم جي صنفي امتياز جي خاتمي جو معاهدي (CEDAW) جي پهرئين آرٽيڪل مطابق ” عورتن سان اڻبرابري واري سلوڪ مان مراد جنس جي بنياد تي ٿي ڪيو ويندڙ اهڙو امتياز، محرومي يا پابندي جنهن جي بنياد تي عورتون سياسي. معاشي، سماجي، ثقافتي، شهري ۽ زندگي جي هر شعبي ۾ انساني حقن ۽ بنيادي آزادين مان فائدو حاصل نه ڪري سگهن.“

### عورتن خلاف هر قسم جي امتياز جي خاتمي جو معاهدو

عورتن خلاف هر قسم جي امتياز جي خاتمي جو معاهدو

### صنفي برابري ملڪي آئين جي نظر ۾

پاڪستان جو آئين ان ڳالھ جي ضمانت ڏيئي ٿو ته:

- قانون جي نظر ۾ سڀ شهري برابر آهن ۽ هڪجهڙي قانوني تحفظ جا حقدار آهن. (آرٽيڪل 25/1)
- محض جنس جي بنياد تي ڪو بہ امتياز نہ ڪيو ويندو. (آرٽيڪل 25/2)
- ڪنهن شهري سان جيڪو ڪنهن بہ اعتبار کان پاڪستان ۾ نوڪري جي مقرري جو اهل هجي، اهڙي مقرري جي سلسلي ۾ جنس جي بنياد تي امتياز روا نہ رکيو ويندو. آرٽيڪل 27 (1)
- زندگي جي تمام شعبن ۾ عورتن جي مڪمل شرڪت کي يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا ( آرٽيڪل 34)

CEDAW (Convention on the Elimination of all Forms of Discrimination Against Women)گڏيل قومن جي بين الاقوامي ڪنونشن جو مقصد عورتن خلاف هرقسم جي امتياز ۽ فرق جو خاتمو آڻڻ آهي. ان عالمي ڪنونشن تي اپريل 2003 تائين 197 ملڪن صحيحون ڪيون آهن ۽ 173 ملڪن ان جي توثيق ڪئي آهي. جڏهن ڪو ملڪ ڪنهن ڪنونشن جي توثيق ڪندو آهي ته انجي اطلاق جو پابند ٿي ويندو آهي. پاڪستان 12 مارچ 1996ع ۾ ان جي توثيق ڪئي هئي. پاڪستان ان معاهدي کي شروع ۾ ئي منظوري ۽ توثيق ڪندڙملڪن ۾ شامل آهي. ان معاهدي جي آرٽيڪل 2 هيٺ هر توثيق ڪندڙ ملڪ پنهنجي ملڪ ۾ صنفي امتياز جي خاتمي لاءِ عملي قدم کڻڻ جو پابند آهي.

### پاڪستان ۾ صنفي برابري جي صورتحال

صنفي اڻبرابري جي صورتحال تي ورلڊ ايڪانامڪ فورم پاران هر سال شايع ٿيندڙ گلوبال جينڊر گيپ رپورٽ (Global Gender Gape Report-GGGR 2020) 2020مطابق دنيا جي جائزو ورتل 153 ملڪن مان پاڪستان 151 نمبر تي بيٺو آهي. مطلب صنفي صورتحال جي حوالي سان پاڪستان دنيا ۾ جنگ زده ملڪن عراق ۽ يمن ڪانپوءِ دنيا ۾ بدترين ملڪن ۾ آهي. رپورٽ صنف جي چئن اهم رُخن جهڙوڪ: معايشي شرڪت ۽ موقعن (economic participation and opportunity) ، تعليمي حاصلات (educational attainment) ، صحت ۽ بقا (health and survival)

## مُک موضوع

۽ سياسي خودمختياري(political empowerment) تي تجزيو پيش ڪري ٿي ۽ دنيا جي 153 ملڪن مان پاڪستان عورتن جي معيشت ۾ شرڪت جي حوالي سان 150، تعليم ۾ 143، صحت ۽ بقا ۾ 149 ۽ سياسي خودمختياري ۾ 93 نمبر تي اچي ٿو. رپورٽ مطابق پاڪستان 2006 کان صنفي اڻبرابري ۾ بهتري جي بجاءِ خرابي طرف ويو آهي. 2016 ۾ عالمي طور تي 112 نمبر تي هو، جيڪي 2020 ۾ 153 نمبر تي پهتو. اها تنزلي صنفي برابري جي چئني پهلوئن ۾ بدترين صورت ۾ تي آهي. 2006 کان 2020 تائين پاڪستان چئني رُخ ۾ پوئتي ويو آهي. معيشت ۾ 112 کان 150، تعليم ۾ 110 کان 143، صحت ۽ بقا ۾ 112 کان 149 ۽ سياست ۾ 37 کان 97. جڏهن ته ڏکڻ ايشيا جي ٻيال ملڪ بنگلاديش50، نيپال101، سريلنڪا 102، انڊيا 112، مالديپ 123 انڊ ڀوٽان 131 تي اچي ٿو.

هڪ ٻئي عالمي رپورٽ جيڪا گڏيل قومن جي اداري يو اين ڊي پي ”جينڊر سوشل نارمز انڊيڪس“ جي نالي سان پهريو دفعو تيار ڪئي آهي. جنهن ۾ دنيا جي 75 ملڪن

### پائدار سماجي مقصد (Sustainable Development Goals_SDGs) ۽ صنفي برابري

پائدار سماجي مقصدن ۾ پنجون5 مقصد صنفي برابري بابت آهي. ان اهم مقصد مطابق 2030 تائين دنيا ۾ صنفي برابري حاصل ڪرڻ ۽ سڀني عورتن ۽ ڇوڪرين کي با اختيار ڪرڻ .

**طئي ڪيل هدف:**

- سڀني عورتن ۽ ڇوڪرين جي خلاف هر قسم جي امتياز جو خاتمو.
- عوامي ۽ نجي سطحن تي سڀني عورتن ۽ ڇوڪرين جي خلاف هر قسم جي تشدد سميت وڪرو ۽ جنسي ۽ ٻي قسم جي استحصال جو خاتمو.
- سڀني نقصانڪار عملن جو خاتمو آڻڻ جيئن: ٻارن، ننڍپڻ ۽ زبردستي شادي .
- عوامي خدمتن، بنيادي ڍانچي ۽ سماجي تحفظ جي پاليسين ۽ گهر، خاندان ۽ قومي طور مناسب گڏيل ذميداري جي ذريعي بغير معاوضي واري سنڀال ۽ گهريلو ڪم جو قدر ڪرڻ ۽ تسليم ڪرڻ
- عورتن جي مڪمل ۽ موثر شرڪت ۽ سياسي، معاشي ۽ عوامي زندگي ۾ فيصلاسازي ۽ هرسطح تي اڳواڻيءَ لاءِ برابر موقعن کي يقيني بڻائڻ.
- جنسي ۽ توليدي صحت ۽ توليدي حقن تائين عالمي پُهچ کي يقيني بڻائڻ جيئن آبادي ۽ ترقي تي عالمي ڪانفرنس جي پروگرام آف ايڪشن ۽ بيجنگ پليٽ فارم فار ايڪشن ۽ سامهون آيل دستاويزن ۽ جائزه ڪانفرنسن ۾ منظور ڪيا ويا آهن.
- عورتن جي معاشي وسيلن بابت برابر حقن ڏيڻ جي لاءِ سڌارا ڪرڻ گڏوگڏ زمين ۽ ٻين قسمن جي ملڪيتن، مالياتي خدمتن، وراثت ۽ قدرتي وسيلن تي قومي قانونن مطابق ڪنٽرول ۽ مالڪيت تائين رسائي ڏيڻ
- عورتن جي اختيار کي فروغ ڏيڻ لاءِ ٽيڪنالاجي جي استعال واري صلاحيت ۾ اضافو آڻڻ، خاص طور معلومات ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي ۾
- هر سطح تي سڀني عورتن ۽ ڇوڪرين جي صنفي برابري ۽ بااختياري لاءِ مضبوط پاليسين ۽ قابلِ عمل قانون سازي اختيار ڪرڻ ۽ سگهارو ڪرڻ

## مُک موضوع

جو جائزو ورتو ويو. ان مطابق دنيا جا 90 سيڪڙو مرد ۽ 86 سيڪڙو عورتون بہ عورت جي خلاف گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن هڪ تعصب جو شڪار آهن. جڏهن تہ پاڪستان ان حوالي سان بہ بدترين صورتحال وارن ملڪن ۾ شامل آهي، جتي 99.1 سيڪڙو ماڻهون عورتن جي باري ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪو هڪ ۽ 98.07 سيڪڙو فرد بہ تعصب رکن ٿا. جيڪي فرد ڪو تعصب نٿا رکن انهن جو تعداد فقط 0.19 سيڪڙو آهي.

### صنفي اڻبرابري جا بنيادي سبب:

عالمي طور تي صنفي برابري جي صورتحال ۾ بهتري اچي رهي آهي. خاص طور تي سياسي ادارن ۾ نمائندگي ۽ فيصلا سازي ۾ اضافو آيو آهي. عورتن جي روزگار واري حق تائين پهچ ۽ معاوضي واري اڻبرابري موجود آهي، عورتن خلاف تعصب ۽ تشدد موجود آهي، آفتن يا جنگي صورتحال ۾ اڄ بہ عورتون وڌيڪ پوڳين ٿيون. روايتي سوچ ۽ رويا، سماجي تحفظ جي ادارن جي غير موجودگي، قانونن ۽ پاليسي ۾ صنفي امتياز ، تعليم واري حقن تائين پُهچ نہ هجڻ، صحت خاص طور تي توليدي صحت جي خدمتن تائين رسائي نہ هجڻ، روزگار حاصل ڪرڻ جا برابر موقعا نہ هجڻ، عورتن خلاف تشدد ۽ فيصلاسازي ۾ شرڪت نہ هجڻ عورتن خلاف سماجي، معاشي ۽ سياسي سطح تي صنفي امتياز ۽ اڻبرابري جا بنيادي ۽ اهم سبب آهن.

### صنفي برابري ۽ سرسو

سرسو جي غربت گهٽائڻ ۽ ڳوٺاڻي ترقي واري ڪم جو مرڪز ۽ محور عورتون آهن، جيڪي ملڪي آباديءَ جو اڌ حصو هجڻ باوجود ترقي جي سيني شعبن ۾ پوئتي آهن ۽ سماجي، معاشي ۽ سياسي طور بدترين صنفي امتياز جو شڪار پڻ آهن. ڪين تعليم ۽ روزگار جي موقعن کان پري رکي ويو آهي، جنهن جي ڪاري غربت جي صورتحال وڌيڪ خراب ٿي آهي. جڏهن تہ اها حقيقت آهي تہ پائدار سماجي ترقي، سماجي انصاف ۽ غربت جي خاتمي واري خواب عورتن جي ترقي جي عمل ۾ ڀرپور شرڪت کانسواءِ حاصل نٿو ٿئي سگهي. دنيا جي جن بہ ملڪن عورتن ڪي ترقي جي مکيہ ڌارا ۾ شامل ڪيو آهي، انهن معاشرن ۽ ملڪن ئي ترقي ڪئي آهي. ان سبق کي ذهن ۾ رکي ڪري سرسو پنهنجي غربت گهٽائڻ ۽ ڳوٺاڻي ترقي جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سماجي تحريڪ ۽ ادارا سازي جي حڪمت عملي هيٺ عورتن کي ترقي جي مکيہ ڌارا ۾ آڻڻ لاءِ ڪين منظم ڪرڻ لاءِ محلي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح تي تنظيمون جوڙڻ ۽ اڳواٽي ڪرڻ جو عمل شروع ڪيو. سنڌ جهڙي معاشري ۾ خاص طور ٻهراڙيءَ جون عورتون هر حوالي سان ڏتڙيل آهن، تعليم، صحت، صنفي امتياز ۽ تشدد کي منهن ڏيئي رهيون آهن، اتي عورتن جون تنظمون جوڙي عملي طور تي غربت جي گهٽتائي، ٻهراڙيءَ جي ترقي ، تعليم، صحت، ۽ روزگار جي ترقي واري عمل ۾ شامل ڪيو آهي، جيڪي ان سڄي عمل ۾ اڳواڻيءَ واري ڪردار ڀرپور طريقي سان ادا ڪري رهيون آهن. سرسو جي اها هڪ وڏي ڪاميابي اهي، جيڪا هن حاصل ڪري ڏيکاري اهي.

ڊسمبر 2020 سرسو جي ڪم جي پُهچ وارن انگن مطابق



## مُک موضوع

سنڌ جي 15 ضلعن جي 86 تعلقن 722 يونين ڪائونسلن جي 15،664 ڳوٺن ۾ 72،962 پاڙي سطح جون تنظيمون، 13،010 ڳوٺاڻي تنظيمن ۽ 522 لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس جي ڪميونٽي ادارن جو نيٽ ورڪ جوڙيو ويو آهي. جنهن ۾ 70،539 صرف عورتن جون تنظيمون آهن، جن جي ميمبرن جو تعداد1،230،612 آهي.

عورتن نه صرف تنظيمون جوڙي پاڻ کي منظم ڪيو آهي، گڏوگڏ عملي طور پنهنجي مدد پاڻ، سرسو ۽ ٻين داران جي مدد سان منصوبا هلائي رهيون آهن ۽ بچت ۽ ڪاروبار ڪري هڪ ٻئي جي مدد به ڪئي ڪري رهيون آهن. ايل ايس او جون اڳواڻ عورتن ملڪي توڙي عالمي سطح تي مختلف فورمن تي شرڪت ڪري پاڻ پڻ مڃرايو آهي.ان عمل جي نتيجي ۾ عورتن تنظيمن جي پليٽ فارم تان پنهنجي ڳوٺ ۽ علائقي جي مسئلن تي جدوجهد ڪري لاڳاپيل سرڪاري، ضلعي انتظاميه ۽ چونڊيل نمائندان سان رابطاڪاري ۽ پيروڪاري ڪري حل پڻ ڪرايا آهن

سرسو عورتن جي تنظيم سازي ۽ انهن کي ترقي جي عمل ۾ شامل ڪرڻ ۽ اڳواڻي واري ڪردار ادا ڪرڻ کان وڌي ڪري معاشي طور سگهارو پڻ ڪري رهي آهي. ان مقصد جي حوالي سان مختلف عملي اُپاءَ وٺي رهي آهي، جنهن ۾ انهن جي ڪاروبار ڪنڊڙ طور ڪردار ڪي سيني جي سامهون آڻي رهي آهي ته جيئن اهي پنهنجي خاندان، ڪميونٽي، معاشري توڙي ملڪ جي ترقي ۽ غربت جي گهٽتائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. جو ته معاشي خودمختياري ۽ پاڻپرو ٿيڻ کان سواءِ صنفي برابري عملي طور تي ممڪن ناهي. ان ڪري مختلف ڪاروبارن جي واڌ ويجهه جي لاءِ گڏيل ڪاروباري گروپ جوڙي انهن جي مالي، تربيتي ۽ فني سڪيا طور مدد ڪئي پئي وڃي. اهو وڏو قدم آهي جنهن سان حقيقي طور تي عورتن جي صنفي برابري واري صورتحال ۾ بهتري ايندي ۽ اهي گهر توري معاشرتي سطح تي فيصلا سازي ۾ شامل ٿي وينديون.

### سرسو جينڊر ريسورس گروپ (جي آر جي)

صنفي برابري تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۽ ان کي هر سطح تي يقيني بڻائڻ خاص طور تي صنفي اڻبرابري جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي مقصد سان سرسو ۾ جينڊر ريسورس گروپ جوڙيو ويو آهي، جنهن ۾ سرسو جي مئنيجمينٽ ۽ پروگرام طرفان نمائندا شامل آهن. هي گروپ سرسو جي تمام سرگرمين ۽ انتظامن جو صنفي حوالي سان جائزو وٺي ٿو ۽ صنفي ترقي ۽ برابري جي مختلف قانونن ۽ پاليسين جي عملي اطلاق ۽ ايرنڊڙ مسئلن جي حل لاءِ ڪم ڪري ٿو. گروپ سرسو اسٽاف جي صنفي تصورن ۽ پاليسين تي اگاهي ۽ تربيت جو به بندوبست ڪري ٿو ته جيئن روين ۾ تبديلي آڻي سگهجي.

### سرسو پاران صنفي برابري ۽ صنفي ضابطا اخلاق بابت جاڳرتا سيشن



جينڊر ريسورس گروپ (جي آر جي) جي جوڙجڪ کان پوءِ سرسو جي پروگرام توڙي مددگار اسٽاف جي صنفي تصورن، حساسيت ۽ پالسين تي آگاهي پيدا ڪرڻ جا سيشن ڪيا ويندا. انهيءَ حوالي سان گروپ جي سيني

## مُک موضوع




ميمبرن کي شامل کندي آگاهي سيشن اگسٽ 2020 کان شروع ڪيا ويا، جيڪي ڊسمبر 2020 تائين لڳاتار مختلف ضلعن ۽ هيڊ آفيس سطح تي ڪيا ويا. جنهن ۾ سرسو جي سموري اسٽاف شرڪت ڪئي. هنن سيشنس ۾ صنف، صنفي امتياز، برابري، اسٽاف جو ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ ۽ ڪم ڪرڻ واري جڳهن تي حراسان ڪرڻ وارن قانونن بابت آگاهي ۽ انهن بابت شڪايتن جي طريقڪار ۽ حل بابت ڄاڻ پڻ ڏني وئي.

### صنفي بنياد تي تشدد خلاف 16 ڏينهن جي مهم نومبر 26 کان ڊسمبر 10

سرسو پاران يورپين يونين جي مالي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام تحت لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ ضلعن ۾ عورتن جي حقن، صنفي برابري، عورتن خلاف تشدد ۽ هيٺين سطح تي ڪميونٽي ادارن ذريعي عورتن جي انساني حقن جي مسئلن تي جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي حل لاءِ مختلف قسم جا جاڳرتا ۽ پيروڪاري جا ڪم ڪري آهي. ان ۾ خاص طور تي هر سال صنفي بنياد تي تشدد خلاف 16 ڏينهن جي مهم ڀرپور طريقي سان ملهائي ٿي. جنهن ۾ ضلعي ۽ ڪميونٽي سطح تي مختلف قسم جون سرگرميون جهڙوڪ: جاڳرتا سيشن، واڪ، فورم، ثقافتي پروگرام، عورت اسيمبليون، ميڊيا ۽ لاڳاپيل ڌرين سان ڳالهه ٻولهه شامل آهي. ان سڄي مهم دوران ڪميونٽي ادارا (سي اوز، وي اوز ۽ ايل ايس اوز) ڀرپور حصو وٺن ٿا.



سرسو عمل ۾

# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران ڪرونا وبا خلاف جنگ

## جاڳرتا مواد جي تياري ۽ ورهاست، ڪميونٽي سطح تي جاڳرتا ويهڪون، حفاظتي سامان جي ورهاست، سرڪاري اسپتالن کي سامان جي فراهمي، نوعمر ٻارن جي وبا بابت سجاڳي، عوامي سجاڳي مهم ۽ ڪميونٽي ادارن جي نمائندن ۽ ڪميونٽي ريسورس پرسنز جي تربيت واري سرگرميون ڪيون ويون

**(جولاءِ کان ڊسمبر 2020 تائين ڪيل اهم سرگرمين جو تفصيل)**

رپورٽ: **بخت علي ابڙو**
سينيئر پروگرام آفيسر (ايم اِي آر يونٽ)
سرسو هيڊ آفيس سکر

ڪووڊ-19 جي للڪار جيئن جو تئين موجود آهي، جيڪا پوري دنيا توڙي پاڪستان لاءِ خطرو بڻيل آهي. ان ڪري هن وبا خلاف هر سطح تي جنگ هلي رهي آهي ۽ اسان کي پوري اميد آهي تہ ڪاميابي نيٺ انسانيت جي ئي ٿيندي. سرسو شروع کان ئي ڪرونا وبا خلاف جنگ ۾ مصروف عمل آهي. ان لاءِ سنڌ حڪومت، وفاقي حڪومت، نيشنل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر (اين سي او سي) ۽ ضلعي انتظاميہ جي هدايتن مطابق ڀرپور سهڪار ۽ رابطاڪاري سان ڪم ڪري آهي. جڏهن تہ هيٺين سطح تي ڪميونٽي ادارن جي شرڪتداري سان عوامي جاڳرتا مُهمون توڙي عملي سرگرميون بہ زور شور سان جاري آهن. مارچ کان جون 2020 تائين سرسو پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪميونٽي ادارن ۽ ضلعي انتظاميہ سان پنهنجي ڪم وارن 14 ضلعن ۾ ڪووڊ-19 ايمرجنسي دوران ڪم ڪيو، جيڪو جولاءِ مهيني تائين جاري رهيو. جولاءِ 2020 کان پوءِ سرسو پاران مختلف ادارن سان هلندڙ پروگرامن ۽ منصوبن جهڙوڪ: ڊي اي ايف پي اي ڪي، پنس، وڏن عمر وارن فردن جي منصوبي تحت ضلعن ۾ لاڳاپيل



## سرسو عمل ۾

ڏرين سان ڪم ڪيو. جڏهن تہ نومبر ۽ ڊسمبر 2020 ۾ ٻہ نوان منصوبا اِيڪوهِپ ۽ يونيسف جي سهڪار سان شروع ٿيا. جنهن تحت لاڙڪاڻي، شڪارپور، خيرپور ۽ گهوٽڪي ضلعن ۾ مختلف قسم جون سرگرميون ڪيون ويون آهن. هيٺ مختصر طور جولاءِ کان ڊسمبر 2020 دوران سرسو پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت، هلندڙ پروگرامن ۾ نون شروع ڪيل منصوبن هيٺ ڪووڊ-19 کي مُنهن ڏيڻ لاءِ ڪيل ڪم جو تفصيل ڏجي ٿو.

ڊليورنگ ايسيليريٽڊ فيملي پلاننگ ان پاڪستان (ڊي اي ايف پي اي ڪي) منصوبي هيٺ لاڙڪاڻي ڊويزن جي ٽن ضلعن شڪارپور، جيڪب آباد ۽ قمبر- شهدادڪوٽ جي ٻهراڙين ۾ ڪورونا وبا جي روڪ لاءِ مهم.

ٻهراڙين ۾ سماجي ۽ معاشي طور سڀ کان پوئتي پيل ماڻهن جي ترقيءَ ۽ غربت جي گهٽتائي لاءِ ڪم ڪندڙ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران رورل سپورٽ پروگرام نيٽ (آر ايس پي اين) جي گڏيل سهڪار ۽ پي ايس آءِ جي مالي مدد سان هلندڙ ڊليورنگ ايسيليريٽڊ فيملي پلاننگ ان پاڪستان ( ڊي اي ايف پي اي ڪي) منصوبي هيٺ لاڙڪاڻي ڊويزن جي ٽن ضلعن شڪارپور، جيڪب آباد ۽ قمبر-شهدادڪوٽ جي ٻهراڙين ۾ ڪورونا وبا جي روڪ لاءِ مهم شروع ڪئي وئي. ان مهم هيٺ سڀ کان پهريون ٽنهي ضلعن جي 1،080 (360 هر ضلعي ۾) جي مقامي ماهر ڪارڪنن جي ڪورونا جي احتياطي اُپائن بابت تربيت ڪرائي وئي. ان تربيتي ورڪشاپ ۾ ڪورونا وبا، ان کان بچاءُ لاءِ حفاظتي اپائن ۽ حڪومت پاران منظور معياري ڪم ڪرڻ جي ضابطن

| ڊليورنگ ايسيليريٽڊ فيملي پلاننگ ان پاڪستان ( ڊي اي ايف پي اي ڪي) منصوبو | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڪرونا وبا جي روڪ بابت سرگرمين جو تفصيل (جولاءِ سيپٽمبر 2020) | | | | |
| سرگرمي | شڪارپور | جيڪب آباد | قمبر-شهدادڪوٽ | ڪل تعداد |
| ڪرونا وبا ۽ احتياطي اُپائن بابت سي آر پيز جي تربيت | 360 | 360 | 360 | 1,080 |
| وليج هيلٿ ڪاميٽين سان ڪرونا وبا ۽ احتياطي اُپائن بابت جاڳرتا سيشن | 475 | 546 | 339 | 1,360 |
| ڪرونا وبا ۽ احتياطي اُپائن بابت ميگا فون ذريعي ڳوٺ جي مسجدن ۽ گهٽين ۾ اطلاع ڏيڻ | 397 | 546 | 207 | 1,150 |
| ڪئمپس دوران گراهڪن جي ڪووڊ اسڪريننگ (ڪلينڪل هسٽري ذريعي) | 24,425 | 17,946 | 13,606 | 55,977 |
| سرجيڪل ماسڪ جي ورهاست | 5,466 | 5,466 | 5,466 | 16,398 |
| سرجيڪل هٿن وارن ڪورَن جي ورهاست | 14,400 | 14,400 | 14,400 | 43,200 |
| اينٽيسيپٽڪ صابڻ جي ورهاست | 720 | 720 | 720 | 2,160 |
| سينيٽائيزرس جي ورهاست | 360 | 360 | 360 | 1,080 |
| **ڪل سرگرمين جو تفصيل** | 47,710 | 41,496 | 36,824 | 126,030 |

## سرسو عمل ۾




(ايس او پي اوز) بابت معلومات ڏني وئي. تربيتي ورڪشاپ دوران مقامي ماهرن کي ضروري حفاظتي سامان، تربيتي رهنما ڪتاب ۽ جاڳرتا مواد پڻ مهيا ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح تربيت يافته مقامي ماهرن جي ذريعي هيٺئين سطح تي عوام ۾ ڪرونا بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ واري مهم پڻ شروع ڪئي وئي. جاڳرتا ۽ حفاظتي اُپائن تي عمل ڪرڻ ذريعي يقيني طور تي ڪميونٽي سطح تي هن وبا جي روڪ ڪري سگهجي ٿي.

سي آرپيز جي تربيت، حفاظتي سامان ۽ جاڳرتا مواد جي فراهمي ٺٽي ضلعن ۾ شروع ٿيڻ ۽ 1،080 سي آرپيز جي تربيت پوري ڪرڻ ڪان پوءِ ڪميونٽي سطح تي جاڳرتا پيدا ڪرڻ وارو عمل به شروع ڪيو ويو. ان لاءِ

### *هيلپ ايج انٽرنيشنل پروجيڪٽ جي سهڪار سان هلنڊڙ وڏي عمر وارن فردن جي حقن جي واڌاري منصوبي هيٺ ڪرونا وبا خلاف ڪنيل اهم قدم*

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) هيلپ ايج انٽرنيشنل جي سهڪار سان وڏي عمر وارن فردن (بزرگ شهرين) جي حقن جي تحفظ، واڌاري ۽ سماجي ڀلائي لاءِ ڪراچي، شڪارپور ۽ جيڪب آباد ۾ منصوبو (Promoting Rights of Older People) عمل ۾ آڻي رهي آهي. ڪنهن به آفت يا هنگامي صورتحال ۾ خاص طور وڏي عمر وارا فرد به ڪمزور گروهه طور سڀ کان وڌيڪ خطري هيٺ اچي ويندا آهن، جو ته ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تربيت يافته مقامي ماهر گهر گهر وڃي پاڙي ۽ ڳوٺ سطح تي جاڳرتا ويهڪون منعقد ڪري وبا خلاف جاڳرتا پيدا ڪئي ۽ حڪومت پاران منظور احتياطي تدبيرن بابت معلومات مهيا ڪئي وئي. ان لاءِ جاڳرتا مواد ۽ عوامي ميڊيا جي وسيلن مان ڀرپور مدد ورتي وئي. ان کان علاوه پروگرام هيٺ جوڙيل وليج هيلٿ ڪاميٽين سان 1،360 جاڳرتا سيشن ڪيا ويا، 1،150 ميگا فون ذريعي عوامي اطلاع ڏنا ويا ۽ 55،877 گراهڪن جي ڪووڊ اسڪريننگ ڪرائي وئي، 16،398 سرجيڪل مُنهن وارا ماسڪ، 43،200 سرجيڪل هٿن وارا ڪورَ، 2،160 صابڻ ۽ 1،080 سينيٽائيزرس جي ورهاست پڻ ڪئي وئي.

### جاڳرتا مواد جي تياري، سرڪاري ادارن ۽ جوڙيل تنظيمن ۾ ورهاست

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران هيلپ ايج انٽرنيشنل جي سهڪار سان هلنڊڙ منصوبي هيٺ ڪرونا بابت تيار ڪيل جاڳرتا مواد بئنرز، پمفليٽ ۽ اسٽيڪرز جي ورهاست پڻ ڪئي وئي. جاڳرتا مواد جي ورهاست جو مقصد ڪرونا بابت عوامي جاڳرتا ۾ واڌارو آڻڻ هو، خاص طور تي احتياطي اپائن ۽ سرڪار پاران منظور ڪيل معياري ڪم جي طريقن (Standard Operation Standards-SOPs) بابت آگاهي ڏيڻ پڻ هو ته جيئن ڪم وارين جڳهن تي احتياطي تدبيرن ذريعي هن وبا کان پاڻ ۽ پنهنجي خاندان کي بچائي سگهجي. هي مواد ڪراچي، شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي اڱواڻ عورتن، ٻارن، معذوري جو شڪار فردن ۽ بزرگ شهرين جي حوالي سان خدمتون مهيا ڪندڙ 332 ادارن ۽ تنظيمن ۾ ورهايو ويو.

## سرسو عمل ۾

| نمبر | جاڳرتا مواد | ڪراچي | شڪارپور | جيڪب آباد | ڪل مواد |
|---|---|---|---|---|---|
| ڪرونا وبا جي روڪ لاءِ جاڳرتا مواد جي تياري، ورهاست | | | | | |
| 1 | لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ لاءِ تيار ڪيل ۽ لڳايل اسٽينڊيز | 100 | 26 | 11 | 137 |
| 2 | سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ لاءِ تيار ڪيل ۽ لڳايل اسٽينڊيز | 42 | 5 | 3 | 50 |
| 3 | اولڊ پيپلز ايسوسيئيشنس لاءِ تيار ڪيل ۽ لڳايل بئنرز | 25 | 60 | 60 | 145 |
| | ڪل تعداد | 167 | 91 | 74 | 332 |



### 12 اولڊ ايج ۽ شيلٽر هومز کي ڪووڊ_19 جي ذاتي بچاءَ جو سامان مهيا ڪيو ويو

سرسو پاران ڪراچي ۾ بزرگ فردن جي تحفظ ۽ پلائيءَ لاءِ قائم 12 اولڊ ايج ۽ شيلٽر هومز کي ڪرونا وبا جي روڪ جي لاءِ ڪم ڪندڙ اسٽاف جي ذاتي بچاءَ جو سامان (Personal Protection Equipment's-PPEs)) نومبر 2020 ۾ مهيا ڪيو ويو. بنيادي مقصد ڪم ڪندڙ اسٽاف جي ذاتي تحفظ کي يقيني بڻائڻ هو ته جيئن اهي بزرگ فردن جي حفاظت جو ڪم بهتر طور ڪري سگهن. هر هڪ ڪٽ ۾ 2 اين 95 ماسڪس، سرجيڪل دستانا، 4 سينيٽائيزرز، 2 اکين جي حفاظت وارا چشما، 10 حفاظتي گائون ۽ 100 جُوتا شامل هئا، جڏهن ته هر هڪ هوم کي 10 ٽيلهيون مهيا ڪيون ويون. سامان وصول ڪندڙن هومز جا نالا هي آهن. 1. وي ڪيئر شيلٽر هوم، 2. بنيتِ فاطمہ 3. صحارا وليج، 4. گلز اولڊ ايج هوم 5. سُکي آشيانو 6. آغوش شيلٽر هوم 7. ايڌي اولڊ ايج هوم 8. شيڊز فائونڊيشن 9. سنرائيز سينئر سٽيزن آرگنائيزيشن 10. نيظاري نرسنگ هوم، 11. آشيانا ٽرسٽ، ۽ 12. گوشہِ فاطمہ.

### بزرگ فردن جي تنظيمن ۾ خوراڪ ۽ صفائيءَ جون ڪٽس جي ورهاست

سرسو پاران هيلپ ايج انٽرنيشنل جي سهڪار سان هلندڙ وڏي عمر وارن فردن جي حقن جي واڌاري واري منصوبي هيٺ ڪراچي ۾ جوڙيل 10 اولڊر پيپلز ايسوسيئشنس (OPAs (Older People's Associations- جي 230 مرد ۽ عورت ميمبرن ۾ ڪووڊ-19 ايمرجنسي ۾ سهائتا جي لاءِ نومبر 2020 ۾ 230 راشن جون ٿيلهيون (Food Packets) ۽ 230 صفائيءَ ڪٽون (Hygiene Kits) ورهايو ويون. راشن ۽ صفائي ڪٽس ورهائڻ جو مقصد



## سرسو عمل ۾

وڏي عمر وارن فردن جي جوڙيل تنظيمن ۽ ميمبرن جي ڪرونا وبا خلاف جنگ ۾ مدد ڪرڻ هو.
صفائي ڪٽ ۾ 6 صابڻ، ڪپڙن ڌوئڻ وارا صابڻ 3. سرجيڪل ماسڪس 3 پاڪيٽس، دستانا 6 پاڪيٽس، سينيٽائيزر 6 بوتلون، ٽوٿ برش 3. ٽوٿ پيسٽ 5 ۽ مسواڪ 3 عدد شامل هئا. جڏهن ته خوراڪ جي ٿيلهين ۾ ڪائڻ جا ائٽم شامل هئا. جنهن ۾ اٽو 30 ڪلو (3 بيگ هر ٿيلهي ۾ ڪل 90 ڪلو)، پچائڻ وارو تيل 5 ليٽر ڪين (3 ڪين هر ٿيلهي ۾) ڪل 15 ڪلو، چانور باسپتي 10 ڪلو (1 بيگ هر ٿلهي ۾)، ڪنڊ 3 ڪلو (1 بيگ هرٿيلهي ۾)، چڻن واري دال 2 ڪلو (1 بيگ هر هڪ ٿيلهي ۾)، مسرور جي دال 2 ڪلو (1 بيگ هر ٿيلهي ۾)، لوڻ (800 گرام) 1 بيگ هر ٿيلهي ۾، بيرلي پورج 250 ڪلوگرام ( 2 پاڪيٽ هر ٿيلهي ۾) ۽ چانهه پتي 475 ڪلوگرام (1 پاڪيٽ هر ٿيلهي ۾).




### پروگرام فار امپروو نيوٽريشن ان سنڌ (پنس اِي آر-3) تحت تقسيم ڪيل ذاتي بچاءُ جو سامان

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) رورل سپورٽ پروگرام نيٽ ورڪ (آر.ايس. پي.اين) جي شراڪتداري سان يورپين يونين جي مالي سهڪار سان غذا جي کوٽ جو شڪار مائرن ۽ ٻارن جي بهتري ۽ سماجي روين ۾ تبديلي آڻڻ جي مقصد سان شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ قمبر-شهداد ڪوٽ ضلعن ۾ پروگرام فار امپروو نيوٽريشن ان سنڌ (پنس) عمل ۾ آڻي رهي آهي. ڪرونا وبا جي روڪ لاءِ خاص طور ٽنهي ضلعن ۾ جولاءِ 2020 ۾ پروگرام جي اهم لاڳاپيل ڌرين جهڙوڪ: ڪميونٽي ادارن، سرڪاري ادارن، زرعي آجرن، ۽ ڪميونٽي ريسورس پرسنز ۾ 36,430 ذاتي بچاءَ جو سامان (ماسڪس، دستانا ۽ صابڻ) ورهايا ويا.



| نمبر | پي پي اِي جو نالو | لاڙڪاڻو | قمبر-شهدادڪوٽ | شڪارپور | ڪل تعداد |
|---|---|---|---|---|---|
| پروگرام فار امپرووڊ نيوٽريشن ان سنڌ (پنس) | | | | | |
| ورهايل ذاتي تحفظ جو سامان (پي پي ايز) جو تفصيل (جولاءِ - سيپٽمبر 2020) | | | | | |
| 1 | صابڻ | 5905 | 3260 | 5000 | 14,165 |
| 2 | دستانا | 2385 | 3000 | 5000 | 10,385 |
| 3 | ماسڪس | 2880 | 4000 | 5000 | 11,880 |
| ڪل ورهايل پي پي ايز | | **11,170** | **10,260** | **15000** | **36,430** |

## سرسو عمل ۾



### ايڪو-هب-ڪووڊ_19 منصوبو

ٻهراڙي جي ترقي ۽ غربت گهٽائڻ لاءِ ڪم ڪندڙ اداري سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پنهنجي سڀ کان پراڻي ۽ اهم ساٿي اداري آر ايس پي اين جي شراڪتداري سان ايڪشن اگينسٽ هنگر (ايس اي ايف) جي سهڪار سان سنڌ جي ٻن ضلعن لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ۾ ڪرونا وبا جي روڪ لاءِ يوروپين ڪميشن

### سرسو ڪووڊ_19 ايمرجنسي رسپانس 2020

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران پاڪستان ۾ ڪووڊ-19 وبا سبب پهريون دفعو لاڪ ڊائون جي اعلان مارچ 2020 جي آخري ڏهاڪي کان وبا خلاف جنگ جو آغاز ڪيو ۽ پنهنجي مدد پاڻ، ڪميونٽي ادارن ۽ ضلعي انتظاميہ جي سهڪار سان ڪووڊ-19 ايمرجنسي رسپانس 2020 هيٺ مختلف اُپاءَ شروع ڪيا ويا. جنهن ۾ غريب ترين گهراڻن ۾ راشن جي ورهاست، وبا خلاف ڪميونٽي ۾ جاڳرتا مهمون، هٿ ڌوئڻ ۽ سماجي فاصلي بابت سجاڳي، ذاتي بچاءَ جي سامان جي ورهاست، احساس ڪيش پروگرام جي رجسٽريشن ۾ سهولتڪاري ۽ حڪومت جي صحت کاتي جي مدد مهيا ڪرڻ شامل آهن. سرسو هي ڪم خاص طور پنهنجي پُهچ وارن 14 ضلعن جي 64 تعلقن ۽ 459 يونين ڪائونسلن ۾ ڪيو. اهڙيءَ طرح جون 2020 تائين اهي سڀ سرگرميون زرو شور سان جاري رکيون.

سرسو پاران ڪووڊ-19 ايمرجنسي رسپانس 2020 هيٺ جولاءِ مهيني ۾ عوامي جاڳرتا مُهمن جي حوالي سان ڪيل ڪم جو نچوڙ هيٺ ڏجي ٿو.

| ڪرونا وبا خلاف سرسو ايمرجنسي رسپانس جو تفصيل | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڪل تعداد ڪووڊ_19 وبا خلاف ڪميونٽي جاڳرتا مهم | | | | |
| نمبر | عوامي جاڳرتا | جون 2020 تائين ڪيل سرگرميون | جولاءِ مهيني ۾ ڪيل سرگرميون | ڪل ڪيل سرگرميون |
| 0 | ڪل تعداد ڪووڊ-19 وبا خلاف ڪميونٽي جاڳرتا مهم | 32,044 | 831,3 | 875,35 |
| 1 | ڪميونٽي جاڳرتا مُهمن ۾ شامل ڪيل ڪميونٽي رضاڪارن جو تعداد ( ڪميونٽي ليڊر، سي آر پي وغيره) | 1,820 | 1,080 | 2,900 |
| 2 | ڪووڊ-19 وبا خلاف ڪميونٽي جاڳرتا مهم ۾ شامل ڪميونٽي ادارن (ايل ايس اوز، وي اوز ۽ سي اوز) جو تعداد | 14,073 | 832 | 15,582 |
| 3 | ڪميونٽين ۾ ورهايل/لڳايل جاڳرتا مواد جو تعداد | 8,535 | 777 | 9,312 |

## سرسو عمل ۾

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 4 | ميگا اسپيڪرز ذريعي ڪووڊ-19 وبا بابت اطلاع | 1,736 | 25 | 1,761 |
| 5 | مقامي مسجدن/چرچن/مندرن/بين تي ڪووڊ-19 وبا خلاف اطلاع | 386 | 11 | 397 |
| 6 | ڪميونٽي سان ڪووڊ-19 وبا بابت جاڳرتا سيشن | 4,245 | 1,007 | 5,053 |
| 7 | سماجي فاصلي، جاڳرتا / روين ۾ تبديلي سيشن ۽ عملي سرگرميون | 863 (10،647) | 99 (1،925) | 9062 12،572) |




هيومينٽيرين آفيس (ايڪو) جي هيومينٽيرين امپليمينٽيشن پلان (هپ) تحت مختلف سرگرميون شروع ڪيون آهن. جنهن جو مکيه مقصد ڪرونا وبا جي روڪ لاءِ احتياطي اُپائن بابت عوامي جاڳرتا پيدا ڪرڻ آهي" منصوبو نومبر 2020 کان ٻنهي ضلعن ۾ باقاعده شروع ڪيو ويو. هي منصوبو ٻنهي ضلعن جي ڪل 83 يونين ڪائونسلن ( شڪارپور 37 ۽ لاڙڪاڻو 46) ۾ عمل هيٺ آندو پيو وڃي. سرسو ضلعي انتظاميه، صحت کاتي ۽ ڪميونٽي ادارن جي ڀرپور سهڪار ۽ رابطاڪاري ذريعي هي سڀ سرگرميون ڪري رهيو آهي. منصوبي هيٺ ضلعي صحت کاتي ۽ اسپتالن جي عملي جي حفاظت لاءِ ذاتي حفاظتي سامان (پي پي اِيز) جي فراهمي، شڪي ڪيسن جي ٽيسٽنگ، ڪميونٽي ادارن جي ڪارڪنن ۽ سي آر پيز جي تربيت، ۽ ڪميونٽي سطح تي وبا بابت جاڳرتا سيشن واريون سرگرميون ڪيون وينديون. ان کان علاوه 106 هٿ ڌوئڻ جون جڳهون (هينڊ واشنگ اسٽيشنس) سرڪاري اسپتالن، مارڪيٽ ۽ اسڪولن ۾ پڻ قائم ڪيون وينديون.

### 830 ڪميونٽي ادارن جي نمائندن ۽ 830 ڪميونٽي ريسورس پرسنز (سي آر پيز) جي تربيت

ڪرونا وبا خلاف جنگ جاري آهي. ان جي خاتمي تائين اسان سڀني کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. وبا جي روڪ لاءِ ڪميونٽي ادارن جو ڪردار به اهم آهي. انهن جي شرڪت ۽ سهڪار سان خاص طور تي هيٺين سطح تي اثرائتي طريقي سان ڪم ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري سرسو پاران ڪميونٽي ادارن سان گڏجي ڪرونا وبا خلاف لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ضلعن ۾ ڪم ڪري رهي آهي. ٻنهي ضلعن جي ڪل 83 يونين ڪائونسلن ( شڪارپور 37 ۽ لاڙڪاڻو 46) جي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) جي 830 نمائندن جي هڪ

## سرسو عمل ۾

ڏينهن جي تربيت ۾ جڏهن تہ 830 ڪميونٽي ريسورس پرسنس ((415 مرد ۽ 415 عورت)) جي ٻن ڏينهن جي ڪرونا وبا جي روڪ ۽ احتياطي اُپائن بابت تربيت ڪرائي، جيڪي پوءِ هيٺين سطح تي ڳوناٽي ڪميونٽين ۾ وبا بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ، شڪي ڪيسن جي نشاندهي ڪرڻ، انهن جي صحت جي سهولتن تائين رسائي ۽ احتياطي اُپاءَ اختيار ڪرڻ لاءِ عملي ڪم ڪيا .

### سرڪاري اسپتالن کي ذاتي بچاءَ جي سامان جي فراهمي

ايڪو هپ ڪووڊ-19 منصوبي هيٺ ٻنهي ضلعن جي سرڪاري اسپتالن کي ڪووڊ-19 کان ذاتي بچاءَ جو سامان (Personal Protection Equipment's-PPEs)مهيا ڪرڻ بہ هڪ اهم سرگرمي آهي، تہ جيئن صحت کاتي جي فرنٽ لائين ورڪرز کي محفوظ ڪري وبا خلاف جنگ جاري رکي سگهجي. ان لاءِ ڊسمبر 8 ۽ 9، 2020 تي شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي صحت کاتي جي عملدارن کي پهرين سامان جي کيپ حوالي ڪئي ويئي. سامان ۾ 8،055 سرجيڪل ماسڪس، 840 اين 95 ماسڪس، 195 سرجيڪل گائون، 195 گوگلز، 8،055 دستانا. 2،775 هيوي ڊيوٽي گلوز، 4،275 سينيٽائيزرز ۽ 3 ڪلورائين ٽيبس شامل هئا.





### نُوعمر ٻارن جي ڪميونٽي ادارن ۾ شرڪت کي يقيني بڻائڻ ۽ ننڍپڻ جي شادين کي روڪڻ ۽ ڪووڊ-19 تي جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ گهوٽڪي ۽ خيرپور ضلعن ۾ منصوبو شروع:

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ٻاران رورل سپورٽ پروگرام نيٽورڪ (آر ايس پي اين) جي شراڪتداري ۾ يونيسيف جي سهڪار سان نُوعمر جي ڪميونٽي ادارن ۾ شرڪت کي يقيني بڻائڻ لاءِ ننڍپڻ جي شادين کي روڪڻ ۽ ڪووڊ-19 تي نُوعمرن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ گهوٽڪي ۽ خيرپور ضلعن ۾ منصوبو شروع ڪيو ويو آهي. هي منصوبو ٻنهي ضلعن جي 10 يونين ڪائونسلن ۾ 10 سرگرم لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (ايل ايس اوز) جي شرڪت سان عمل آندو پيو وڃي. ان لاءِ ابتدائي طور تي ڊسمبر 2020 ۾ 10 ايل ايس اوز جي نمائندن سان هڪ ڏينهن جي آگاهي سيشن منعقد ڪيا ويا. سيشن جو مقصد ايل ايس او نمائندن کي ننڍپڻ جي شادين، ٻارن تي تشدد ۽ ڪووڊ-19 کان بچاءَ جي طريقن بابت ڄاڻ ڏيڻ هو. منصوبي هيٺ 300 نُوعمر (150 گهوٽڪي ۽ 150 خيرپور) جي چونڊ ڪري انهن جي ڪووڊ-19 بابت تربيت مهيا ڪئي وئي آهي. جيڪي پوءِ ڳوٺ سطح تي ٻارن ۾ جاڳرتا جو ڪم ڪندا ۽ ايل ايس او ۾ شرڪت کي يقيني بڻائي ننڍپڻ جي شادين، ٻارن تي تشدد ۽ ڪووڊ-19 وبا خلاف جدوجهد ۾ بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا.

سرسو عمل ۾

# برساتي ٻوڏ ۾ سرسو جي ايمرجنسي مدد 2020 صورتحال جو جائزو ۾ ڪيل ڪم جو تفصيل

رپورٽ ۽ جائزو: **نعمت الله ساوند**
اسسٽنٽ مئنيجر
پيپلز پاورٽي رڊڪشن پروگرام(پي پي آرپي

## سرسري جائزو ۽ خلاصو

سال 2020 ۾ زوردار بارش سنڌ جي ڏاکڻي حصي ۾ ٻوڏ جي صورتحال آندي، جنهن گذريل 70 سالن واري مون سون بارشن جو رڪارڊ ٽوڙيو ۽ ٻهراڙي توڙي شهري علائقن ۾ تباهي آندي. مختلف انگن اکرن مطابق سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ سنڌ جي صرف 5 ضلعن جهڙوڪ:



## سرسو عمل ۾

سانگھڙ، عمر ڪوٽ، ميرپورخاص، بدين ۽ ٺٽي ۾ 14 انساني جانيون بہ ختم ٿيون ۽ 719 زخمي پڻ ٿيا. بارشن جي نتيجي ۾مقامي آبادي جي جياپي جو اهم ذريعو چوپايو مال 7،618 بہ مري ويو. جڏهن تہ 15 ملين آبادي سخت متاثر ٿي، جنهن مان 2 ملين تہ بي گهر پڻ ٿيا آهن. اهڙيءَ طرح تعميراتي ڍانچي خاص طور روڊ، پليون، نهري نظام، اسپتالون ۽ اسڪول پڻ خراب حالت ۾ متاثر ٿيا آهن.

سڀ ڪان وڌيڪ هن برساتي بوڏ انهن ضلعن ۾ تيار ٿيل فصل جهڙوڪ: ڪپھ، ڪمند، مرچن ۽ باغن کي مڪمل طور تباهہ ڪيو ۽ نيڪال واري نظام جي تباهي سبب پاڻي بيهي وڃڻ ڪري ايندڙ سيزن جو فصل بہ پوکجي نہ سگهبو. گهرن جي تباهي ۽ پاڻي جي بيهي وڃڻ ڪري اڪثر آبادي متي وارن علائقن ۾ لڏپلاڻ ڪئي.

بيٺل برساتي پاڻي جي ڪري مختلف قسم جي بيمارين خاص طور تي چمڙي ، هيضو ۽ مليريا بہ پيدا ٿيون، ۽ علائقن ۾ صحت ۽ صفائي ۽ پيئڻ لاءِ صاف پاڻي جي خراب صورتحال پيدا ٿي پئي.

ان صورتحال جي ڪري مقامي آبادي جو زراعت وارو معاشي ذريعو ختم ٿي وڃڻ سبب سخت قسم جي مونجهارن ۽ خوراڪ جي کوٽ ٿيڻ سبب گهر جون قيمتي شيون جنهن ۾ چوپايو مال، زمين ۽ زيور وغيره وڪڻي جياپي جو حل ڳولهڻ تي مجبور آهن. انهيءَ دوران حڪومتي ادارن ۽ سرسو پاران محدود سطح تي هنگامي مدد جو انتظام ڪيو ويو.

ڳوٺاڻي ترقي ۽ غربت جي گهٽتائي جي لاءِ ڪم ڪندڙ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) برساتي بوڏ واري صورتحال جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلن ۽ بنيادي ضرورتن جي لاءِ مقامي آبادين جي لاءِ ابتدائي ايمرجنسي مدد طور سامهون آئي. سرسو پنهنجي وسيلن مان انهن پنجن ضلعن ۾ سڀ ڪان وڌيڪ متاثر علائقن جي غريب خاندانن ۾ 6،250 خوراڪ، 3،600 سبيل ڪپڙا، 1،692 صابڻ، مڇر داڻيون ۽ 500 ماسڪس ورهايا.

هي هنگامي امداد ايمرجنسي صورتحال پيدا ٿيڻ جي ڪري متاثر ماڻهن جي معاشي حالت کي بهتر ڪرڻ ۽ خوراڪ جي بنيادي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي مقصد سان منظم ڪئي. هي سڄو ڪم سرسو پاران سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ واري پروگرام (Peoples' Poverty Reduction Programme-PPRP)جي جوڙيل حڪمت عملي سان ڳنڍيل هو. جنهن ۾ هن ڏکي وقت ۾ متاثر ماڻهن جي بنيادي مسئلن ۽ ضرورتن کي حل ڪرڻ پڻ شامل آهي. جڏهن تہ اهو ڪم پائدار ترقياتي مقصدن (ايس ڊي جيز) جي هڪ اهم مقصد نمبر 2 زيرو بُک کي بہ حل ڪري ٿو.

### ابتدائي تڪڙو جائزو (Initial Rapid Assessment_ IRA)

### مون سون برساتون/بوڏ 2020 جي نُقصانن جو تفصيل

| نُقصان | سانگھڙ | ميرپورخاص | عمرڪوٽ | بدين | ٺٽو | ڪل نُقصان |
|---|---|---|---|---|---|---|
| مُتاثر گهراڻا | 61،462 | 81،571 | 59،961 | 52،601 | 11،271 | 1،681،256 |
| گهرن جو نقصان | 37،012 | 36،010 | 46،643 | 15،982 | 890 | 266،866 |
| چوپايو مال | 627 | 864 | 3،320 | 2،290 | 517 | 7،618 |
| انساني جانين جو نقصان | 3 فوت ۽ 203 زخمي | 3 فوت ۽ 59 زخمي | 5 فوت ۽ 440 زخمي | 12 زخمي | 5 زخمي | 14 فوت ۽ 719 زخمي |

## سرسو عمل ۾

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي مانيٽرنگ، ايويليشن اينڊ ريسرچ يونٽ (Monitoring, Evaluation & Research Unit-MER-U)صورتحال جي جائزي ۽ نُقصانن ۽ ضرورتن جي ڪاٿي لاءِ سڀ کان وڌيڪ متاثر ضلعن سانگهڙ، عمر ڪوٽ، ميرپورخاص ، بدين ۽ ٽنڊي ۾ ابتدائي تڪڙي جائزي( Initial Rapid Assessment-IRA)جو بندوبست ڪيو. ان لاءِ هيڊ آفيس ۽ ضلعي سطح جي مانيٽرنگ ٽيم کي شامل ڪيو ويو. ابتدائي جائزي جو فارم تيار ڪيو ويو ۽ ان بابت جوڙيل ٽيم کي آگاهي پڻ ڏني وئي. سروري فارم گهرن جي نقصانن جهڙوڪ: زراعت، چوپايو مال، خوراڪ، روزگار، غذا، صحت، تعليم، گهر، پاڻي، نيڪا ۽ صفائي بابت معلومات مهيا ڪرڻ هو، جڏهن تہ ڳوٺ جي تعميري ڍانچي جهڙوڪ: روڊ، اسپتال، اسڪول ۽ بين تعمير جي صورتحال پڻ شامل هئي. سروي جي انگن اکرن کي گڏي ڪري ٽيڪنيڪي انداز ۾ جائزو وني حقيقي صورتحال تحت هڪ بهتر رپورٽ جي شڪل ۾ سيني لاڳاپيل ڌرين (Stakeholders)جي سامهون آندي وئي.

هن جائزي جو مقصد قدرتي آفت سبب ٿيل ابتدائي نقصانن ۽ بنيادي ضرورتن جو اندازو لڳائڻ هو. آفت ماڻهن جي زندگي جي ڪيترن ئي رُخن کي سخت متاثر ڪيو، خاص طور تي بهراڙيءَ جي سڀ کان پوئتي پيل ماڻهن جي زندگي کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو. آگسٽ 2020 پورو مهينو وقفي وقفي سان پيل بارشن وڏي تباهي آندي. جنهن 70 سالن دوران پيل بارشن جو ريڪارڊ ٽوڙيو. بارشن جي تباهي سبب ٿيل نقصانن کي تسليم ڪندي سنڌ حڪومت 20 ضلعن کي ”آفت سٽيل“ قرار پڻ ڏنو. جنهن ۾ سرسو جي (پي پي آر پي) پروگرام وارا هي 5 ضلعا بہ شامل هئا.

### ابتدائي تڪڙي جائزي (آءِ آر اي) جا نتيجا

| ضلعو | تعلقا | متاثر يونين ڪائونسلون | متاثر ڳوٺ | متاثر | متاثر گهراڻا | متاثر آبادي |
|---|---|---|---|---|---|---|
| **ڪل** | **24** | **149** | **763** | **5،329** | **266،166** | **1،681،256** |
| بدين | 5 | 29 | 120 | 788 | 52،601 | 331،386 |
| ٺٽو | 4 | 23 | 44 | 125 | 11،271 | 71،007 |
| عمر ڪوٽ | 4 | 34 | 175 | 1،770 | 59،961 | 377،754 |
| سانگهڙ | 5 | 42 | 171 | 1،074 | 61،462 | 387،211 |
| ميرپورخاص | 6 | 30 | 253 | 1،572 | 81،571 | 513،197 |

### گهرن جي نُقصانن جو تفصيل

| ضلعو | گهرن جو تعداد | مڪمل تباهہ گهرن جو تعداد | اڌ تباهہ گهرن جو تعداد |
|---|---|---|---|
| **ڪل تعداد** | **136،537** | **70،177** | **66،360** |
| بدين | 15،982 | 4،828 | 11،154 |
| ٺٽو | 800 | 181 | 709 |
| عمر ڪوٽ | 46.643 | 26،748 | 19.895 |
| سانگهڙ | 37.012 | 24،009 | 13.003 |
| ميرپورخاص | 36،010 | 14،411 | 21،599 |

## سرسو عمل ۾

### چوپايي مال/جانورن جي نقصانن جو تفصيل

| ضلعو | مري ويل ردن جو تعداد | مري ويل ٻڪرين جو تعداد | مري ويل اُٺن کو تعداد | مري ويل مينهن جو تعداد | مري ويل گڏهن جو تعداد | مري ويل ڪڪڙين جو تعداد | مري ويل ڳئن جو تعداد |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| **ڪل تعداد** | **582** | **4،726** | **19** | **506** | **180** | **1.145** | **460** |
| بدين | 428 | 1.162 | 4 | - | 52 | 439 | 16 |
| ٺٽو | 19 | 400 | -- | 15 | - | 44 | 41 |
| عمر ڪوٽ | 58 | 2.350 | -- | - | 115 | 157 | 370 |
| سانگهڙ | 1 | 592 | -- | - | 5 | 6 | 12 |
| ميرپورخاص | 36 | 222 | -- | - | 8 | 499 | 21 |

### ڪاروبار ۽ خوراڪ ۽ ٻين اسمن جو تيل نُقصانن جو تفصيل

| ضلعو | ڪاروبار | | خوراڪ جا اسم | | | غير خوراڪي اسم | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | دوڪان | گاڏا | راشن | ڪٽڪ | اٽو | روڪ رقم | ٽانون | سون |
| **ڪل** | **71** | **18** | **54،170** | **13،599** | **23،031** | **16** | **4.329** | **12** |
| بدين | 153 | -- | 8،634 | 3،248 | 5،173 | - | 234 | - |
| ٺٽو | 3 | - | 363 | 275 | 570 | 3 | 155 | -- |
| عمر ڪوٽ | 3 | 1 | 3.6829 | 1،724 | 2،355 | -- | 1،721 | -- |
| سانگهڙ | 5 | - | 3.682 | 3،473 | 5،732 | -- | 116 | --- |
| ميرپورخاص | 26 | 5 | 33،190 | 2،637 | 4،433 | 1 | 909 | --- |

### انساني جانين جي نقصان جو تفصيل

| ضلعو | انساني جانين جو نُقصان | | | | | لڏپلاڻ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | ٻارن جو تعداد | عورتن جو تعداد | وڏي عمر وارن جو تعداد | مردن جو تعداد | زخمين جو تعداد | |
| **ڪل** | **3** | **--** | **--** | **14** | **719** | **43،766** |
| بدين | 2 | -- | -- | 2 | 12 | 2.521 |
| ٺٽو | -- | -- | -- | 1 | 5 | 1،477 |
| عمر ڪوٽ | -- | -- | -- | 5 | 440 | 16،303 |
| سانگهڙ | -- | -- | -- | 3 | 203 | 5،570 |
| ميرپورخاص | -- | -- | -- | 3 | 59 | 17،895 |

## سرسو عمل ۾

### زرعي فصلن جي نُقصانن جو تفصيل

| ضلعي جو نالو | ڪپهه | ساريون | مرچ | بصر | ڪمند | ٽماٽو |
|---|---|---|---|---|---|---|
| بدين | %70 | 67% | 75% | 15% | 15% | 60% |
| ٺٽو | 50% | 45% | 20% | 0% | 15% | 5% |
| عمر ڪوٽ | 90% | 0% | 85% | 35% | 0% | 65% |
| سانگهڙ | 90% | 50% | 85% | 0% | 80% | 0% |
| ميرپورخاص | 85% | 50% | 90% | 50% | 70% | 10% |





### اسڪولن ۽ اسپتالن جو نُقصان

مون سون برساتي ٻوڏ جتي انساني وسيلن، زرعي فصلن ۽ چوپايي مال کي بي انتها نقصان پهچايو آهي، اتي خاص طور تي بنيادي تعميراتي ڍانچي جهڙوڪ: اسڪولن ۽ اسپتالن جي عمارتن کي به تباهه ڪيو آهي. اهونقصان به خاص طور سڀ کان وڌيڪ متاثر انهن 5 ضلعن ۾ ڏٺو ويو. سروي ۾ تعميراتي ڍانچي جي نقصانن جو جائزو پڻ ورتو ويو.

| اسڪول/اسپتال | بدين | ميرپورخاص | عمر ڪوٽ | سانگهڙ |
|---|---|---|---|---|
| **ڪل اسڪولن جو تعداد** | **2،942** | **2،049** | **2،745** | **3،158** |
| مڪمل نقصان | 31 | 89 | 33 | 37 |
| اڌ نقصان | 219 | 452 | 170 | 8 |
| پاڻي هيٺ آيل اسڪول | 2،903 | 302 | 1،645 | 187 |
| **ڪل اسپتالن جو تعداد** | **116** | **80** | **110** | **0** |
| مڪمل نقصان | 21 | 11 | 4 | 1 |
| اڌ نقصان | 95 | 83 | 9 | 6 |
| پاڻي هيٺ آيل پي پي ايڇ آءِ اسپتالون | 6 | 4 | 2 | 3 |
| پاڻي هيٺ آيل مارئي مرڪز | 72 | -- | -- | -- |

## سرسو عمل ۾

### سرسو ايمرجنسي رليف آپريشن

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) مُون سُون برسات سبب آيل ٻوڏ واري ايمرجنسي ۾ پنهنجي محدود وسيلن مان سڀ کان وڌيڪ متاثر ضلعن ميرپورخاص، عمر ڪوٽ، ٺٽو، بدين ۽ سانگهڙ ۾ هنگامي بنيادن تي رليف جو ڪم شروع ڪيو. ان لاءِ سرسو جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر ۽ ٽيم ليڊر پي پي آر پي متاثر پنجن ضلعن جو دورو ڪيو، سرسو ٽيم، ڪميونٽي ادارن ۽ ضلعي انتظاميہ سان گڏجاڻيون ڪيون، صورتحال جو جائزو ورتو ۽ هنگامي امداد جو آغاز ڪيو. ابتدائي طور متاثر ماڻهن جي بنيادي ضرورتن خاص طور تي خوراڪ، ڪنبل، ڪپڙا، مڇر داڻين، ماسڪ ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جو بندوبست ڪرڻ جو فيصلو ڪيوويو. جڏهن تہ سانگهڙ ۽ عمر ڪوٽ ضلعن ۾ متاثر ماڻهن لاءِ رليف ڪئمپن قائم ڪرڻ، انتظام سنڀالڻ ۽ بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ لاڳاپيل ضلعي انتظاميہ جي ٻانهن ٻيلي پڻ ٿي. سرسو ٽيم پاران مسلسل بارشن، سم نالا ٽٽڻ، بنيادي تعميري ڍانچن جي تباهي ۽ پاڻي بيهي وڃڻ سبب خاص طور صحت، صفائي ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جي صورتحال خراب ٿيڻ جي وئي. ان ڪري سوشل موبلائيزيشن ٽيم پنهنجو ڪردار نڀائيندي روڊن رستن ۽ ڪئمپن ۾ ويٺل متاثر ماڻهن جي صحت ۽ صفائي بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ، روين ۾ تبديلي ۽ صورتحال بهتر





ڪرڻ جي مقصد سان 196 جاڳرتا سيشن منعقد ڪيا ۽ 1،692 صابڻ تقسيم ڪيا.

سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر مهينن دوران سرسو پاران پنجن ضلعن جي سڀ کان وڌيڪ متاثر علائقن ۾ گهراڻن ۾ ڪل 2،650 راشن جا ٿيلها، 3،600 سبيل ڪپڙا، 1،692 صابڻ، 7،892 مڇر داڻيون ۽ 500 ماسڪ ورهايا ويا ۽ 5 هٿ جا نلڪا پڻ لڳايا.

### سرسو ايمرجنسي رليف آپريشن جو تفصيل

| نمبر | ضلعي جو نالو | ريليف/مدد جو قسم | تعداد |
|---|---|---|---|
| 1 | عمر ڪوٽ | راشن جون ٿيليون | 750 |
| | | سبيل ڪپڙا | 500 |
| | | مڇرداڻيون | 1،982 |
| | | مُنهن وارا ماسڪس | 200 |
| | | هٿ ڌوئڻ لاءِ سينيٽائيزس | 2 |
| 2 | سانگهڙ | راشن جون ٿيليون | 600 |
| | | سبيل ڪپڙا | 1،000 |
| | | هٿ جا نلڪا | 5 |
| | | انساني وسيلا | 3 |
| | | لاجسٽڪ سپورٽ | 1 |
| | | مڇرداڻيون | 3،260 |

## سرسو عمل ۾



| | | | |
|---|---|---|---|
| 3 | ميرپور خاص | راشن جون ٿيليون | 1،000 |
| | | سبيل ڪپڙا | 1،000 |
| | | صابڻ | 1،132 |
| | | مُنهن وارا ماسڪس | 300 |
| | | مڇر داڻيون | 2،650 |
| 4 | بدين | راشن جون ٿيليون | 300 |
| | | سبيل ڪپڙا | 1،100 |
| گڏيل انگ اکر | | راشن جون ٿيليون | 2،650 |
| | | هٿ جا نلڪا | 5 |
| | | صابڻ | 1،692 |
| | | سبيل ڪپڙا | 3،600 |
| | | مڇر داڻيون | 7،892 |
| | | منهن وارا ماسڪس | 500 |



تعليم ۽ تربيت

# عام صنفي اصطلاح

چونڊ ۽ ترجمو: **ثمينہ برڪت علي**
جينڊر فوڪل پرسن، سرسو هيڊ آفيس سکر

**عملي لائحہ عمل (بيجنگ** Beijing Platform for Action **(PFA)**

بيجنگ چين ۾عورتن جي چوٿين عالمي ڪانفرنس (4 - 15 سيپٽمبر 1995) جي سورهين مڪمل اجلاس ۾ عملي لائحہ عمل جي منظوري ڏني وئي. عملي لائحہ عمل عورتن جي فيصلا سازي جي حق ڏيڻ جي حوالي سان انتهائي اهميت جو حامل آهي. ان لائحہ عمل جي هيٺ عورتن جي حثيت بهتر ڪرڻ جي لاءِ 12 اهم توجہ طلب شعبن جهڙوڪ: عورتون ۽ غربت، تعليم ۽ تربيت، صحت، تشدد، جنگي حالتون، معيشت، حڪومت ۽ فيصلا سازي ۾ عورتن جي ڪردار، عورتن جي ترقي ۽ انتظامي طريقڪار، عورتن جي انساني حقن، عورتون ۽ ميڊيا، عورتون ۽ ماحول ۽ ڇوڪرين تي ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو تہ جيئن دنيا ۾ عورتن جي بنيادي آزادين، انساني حقن، گهر ۽ ڪم ۾ هر سطح ۽ مرحلي تي مردن جي برابر حق ڏيڻ جي حڪمت عملي تي ڪم




تي سگهي.

**عورتن خلاف هر قسم جي امتياز جي خاتمي جو معاهدو** CEDAW (Convention on the Elimination of All Forms of Discrimination Against Women)

گڏيل قومن جي بين الاقوامي ڪنوينشن جو مقصد عورتن خلاف هرقسم جي امتياز ۽ فرق جو خاتمو آڻڻ آهي. ان عالمي ڪنوينشن تي اپريل 2003 تائين 97 ملڪن صحيحون ڪيون آهن ۽ 173 ملڪن ان جي توثيق ڪئي آهي. جڏهن ڪو ملڪ ڪنوينشن جي توثيق ڪندو آهي تہ ان ڪنوينشن جي اطلاق جو پابند ٿي ويندو آهي. پاڪستان 12 مارچ 1996ع ۾ ان جي توثيق ڪئي هئي.

**ڪنهن انسان کي ان جي انساني حثيت جي بجاءِ جنس تجارت جي سامان جي حثيت ڏيڻ** Commodification

انسان جي لڙائي ۽ جهگهڙا طئي ڪرڻ يا صلح ڪرڻ جي ادائگي جي طور تي استعمال ڪرڻ، مثال طور تي سواره جي رسم جنهن ۾ عورت صلح جي طور تي مخالف پارٽي کي ڏني ويندي آهي.

**هنگامي مرڪز يا هنگامي امداد جو مرڪز** Crisis Centre

اهڙا مرڪز جيڪي ڪنهن بہ هنگامي صورتحال سان مُنهن ڏيڻ جي صلاحيت رکندا هجن يا جتي اهڙن فردن کي مدد مهيا ڪئي وڃي جيڪي ڪنهن حادثي يا بحران جو شڪار هجن. مثلن گهريلو تشدد عورتن جي مدد لاءِ قائم ڪيل مرڪز وغيره.

**جُوڙيل موضوع** Cross-cutting themes

عام طور تي ان مان مراد اهڙا مُوضوع هوندا آهن،

## تعليم ۽ تربيت

جيڪي هڪ وقت ۾ ڪيترن شعبن کي متاثر ڪن. ترقي جي شعبن ۾ اهڙا موضوع خاص اهميت جا حامل هوندا آهن. مثلن صنف هڪ اهڙو موضوع آهي، جيڪو صحت، تعليم ۽ معيشت جي شعبن ۾ اثر انداز آهي.

**امتياز** Discrimination

قابليت يا صلاحيت جي بجاءِ عمر، صنف، نسل، مذهب وغيره جي بنياد تي سلوڪ ۾ فرق يا امتياز روا رکڻ. هي امتياز وسيلن، صحت، تعليم، ملازمت يا اختيار، طاقت تائين پُهچ جا موقعا گهٽ ڪري ڇڏي ٿو.

**بي اختياري** Disempowerment

ڪو عمل، قدم، قانون، پاليسي يا ترقياتي امدادي پروگرام جنهن ۾ فرد ۽ محروم طبقن جي اوليتن، ضرورتن ۽ دلچسپين کي وڌيڪ نظر انداز ڪيو وڃي، جنهن سان انهن جي فيصلا سازي جي عمل ۾ شرڪت گهٽ ٿئي ۽ انهن جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي بهتري ۾ رڪاوٽ پيدا ٿئي.

**صنف ۽ ترقي** GAD (Gender and Development)

صنف ۽ ترقي جو تعلق صرف عورتن سان ناهي، بلڪي معاشرتي طور تي صنف جي تشڪيل ۽ مخصوص ڪردار جي سپردگي سان آهي. ترقي جو اهو نظريو جنهن جو بنياد هي آهي ته تمام پاليسيون، پروگرام ۽ منصوبن ۾ مردن ۽ عورتن، چوڪرن ۽ چوڪرين جي ضرورتن، اوليتن، ڪردار ۽ ان تي ترقي جي فرق ۽ اثرن کي نظر ۾ رکڻ گهرجي. GAD نظريي جي مطابق صنفي برابري حاصل ڪرڻ لاءِ ترقي ۾ عورتن جي ڪردار کي تسليم ڪرڻ ۽ سمجهڻ گهرجي. GAD جو مقصد عورتن جي مردن جي برابر وسيلن تائين پُهچ ۽ انهن تي ڪنٽرول کي وڌائڻ آهي. جيئن ته صنفي تجزين مان اها ڳالهه صاف ظاهر ٿي آهي ته عورتون برابر فائدا حاصل ناهن ڪنديون. GAD”عورتن جي مسئلن“کي حاشياتي سطح کان ڪٽي ڪري ترقي جي ايجنڊا ۾ مرڪزي اهميت ڏيندو آهي.

**صنف** Gender

معاشري ۾ مردن، عورتن ۽ چوڪرين جي مختلف ڪردار، ذميداريون ۽ موقعن ۾ معاشرتي امتياز جي نشاندهي ڪئي ويندي آهي. مردن ۽ عورتن، چوڪرن ۽ چوڪرين جي وچ ۾ هي معاشرتي امتياز سکيو ويندو آهي. جيڪو وقت سان گڏ تبديل ٿي سگهي ٿو ۽ مختلف معاشرن ۾ انهن جي نوعيت ۾ فرق ٿي سگهي ٿو. لفظ صنف ۽ جنس ۾ فرق ڪرڻ ضروري آهي. جنس جو لفظ مرد ۽ عورت جي وچ ۾ حياتياتي فرق جي حوالي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، جڏهن ته صنف جو لفظ عورتاڻي ۽ مرداڻي سماج جي ٺاهيل مختلف ڪردارن، ذميدارين ۽ روين جي حوالي سان استعمال ٿيندو آهي.

**صنفي محرڪ** Dynamics of Gender

جڏهن صنف جا مختلف مُحرڪ هڪ ٻئي سان ملي ڪري صنفي ڪردار ۽ ذميدارين کي تشڪيل ڏيندا آهن.

**صنفي تجزيو** Gender Analysis

سماجي عمل جو تجزيو عورتاڻي ۽ مراداڻي ڪردار جو جائزو وٺي ٿو. ان ۾ عورتن ۽ مردن، چوڪري ۽ چوڪرين جي ڪردار، ذميدارين جي تقسيم، پيداواري ۽ توليدي سرگرمين، وسيلن ۽ فائدن تائين پُهچ ۽ انهن جي ڪنٽرول ۽ سماجي ۽ اقتصادي ۽ ماحولياتي عُنصر جيڪي مردن ۽ عورتن تي اثر انداز ٿيندا آهن، شامل



## تعليم ۽ تربيت

آهن. عورتن ۽ مردن تي ترقي جي فرق اثرن جي باقاعده تحقيق کي بہ صنفي تجزيو چيو ويندو آهي.

**صنفي تجزيي جو سانچو (طريقڪار)** Gender Analysis Matrix (GAM)

صنفي تجزيي جو ماڊل تمام بنيادي مقامي سطح جي استعمال لاءِ تيار ڪيو ويو. ان تجزيي جون چار سطحون آهن. عورتون، مرد، گهراڻو ۽ مقامي آبادي. جڏهن تہ تجزيي جا چار قسم آهن، جنهن ۾ محنتي قوت ۾ تبديلي، وقت، ذريعا ۽ ثقافتي عُنصر شامل آهن.

**صنفي جاڳرتا** Gender Awareness

1. ان ڳالهہ جو احساس تہ عورتن ۽ مردن جي زندگيءَ جا تجربا، اُميدون ۽ ضرورتون فرق هونديون آهن ۽ ڪئي دفعا انهن ۾ غير منصفاڻي ورهاست هوندي آهي ۽ هي تبديل ٿيندي رهندي آهي.

2. صنفي نا برابري ۽ امتياز جي سبب جيڪي مسئلا اُڀرن ٿا، انهن جي نشاندهي ڪرڻ جي صلاحيت، ان جي وضاحت ڪرڻ تہ مسئلا ڪٿي آهن ۽ انهن جي نوعيت ڇا آهي.

**صنفي توازن** Gender Balance

**صنف جي بنياد تي ڪم جي ورهاست** Gender based Division of Labour



ڪنهن معاشري ۾ ڪم جي ورهاست جو تعلق ان ۾ رائج سماجي ۽ تهذيبي طريقن سان آهي، جيڪي اها ڳالهہ طئي ڪندا آهن تہ ڪهڙو ڪم مردن ۽ ڪهڙو عورتن کي ڪرڻ گهرجي.

**صنفي بنياد جا اُهڃاڻ** Gender based Indicators

هي خاص پئمائش جا اوزار ۽ هدف آهن، جنهن جي ذريعي هي معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ صنف جي بنياد تي ڪو فرق آهي يا ناهي.

**صنف جي بنياد تي تشدد** Gender based violence

**صنفي تعصب** Gender bias

صنفي بنياد تي ڪاروايون، سوچ، رويي، منصوبا وغيره جيڪي ڪنهن صنف سان امتياز روا رکين.

**صنف جي بنياد تي با اختيار هجڻ جو پيمانو** Gender Empowerment Measure (GEM)

عورتن جي اختيار کي ماپڻ جو هڪ پئمانو، جيڪو يو اين ڊي پي (UNDP) تخليق ڪيو آهي. ان پئماني ۾ صنفي فرق کي ٽن معيارن تي جانچيو وڃي ٿو.

1. اقتصادي وسيلن ۽ آمدني تي اختيار
2. پيشوراڻي موقعن ۽ اقتصادي فيصلا سازي تائين رسائي.
3. سياسي موقعن ۽ فيصلاسازي تائين رسائي

**صنفي تعلق** Gender relations

اهڙا طريقا جن جي ذريعي هڪ ثقافت يا معاشره مردن ۽ عورتن، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي پاڻ ۾ رشتن جي نسبت سان انهن جي حقن، ڪردارن، ذميدارين ۽ سڃاڻپ جو تعين ڪن.

اهڙي ترقياتي تربيت جيڪا صنفي فرق ۽ ضرورتن کي سڃاڻڻ/صنفي حساسيت ۽ ردِ عمل جي نشوونما جي تربيت Gender responsive development training

**اهڙو اشاراتي نظام جيڪو صنفي فرق ۽ ضرورتن کي سڃاڻي** Gender responsive indicator system

## تعليم ۽ تربيت

**صنفي حساسيت** Gender sensitivity

صنفي امتياز جي پنيان ڪارفرما سماجي ۽ تهذيبي عُنصرن ڪي سمجهڻ ۽ غور هيٺ آڻڻ. صنفي حساس منصوبہ بندي عورتن ۽ ڇوڪرين جي ترقي جي عمل ۾ شرڪت جا گهڻا موقعا مهيا ڪري ٿي.

**صنفي معاشرتي تربيت/صنفي سماجيات** Gender socialization

اهو عمل جنهن ۾ ٻارن ڪي صنف جي بنياد تي مخصوص ڪردار، رويا اختيار ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جي باري ۾ سيڪاريو وڃي ٿو.

**صنفي روايتي تصور** Gender stereotypes

معاشري ۾ صنف جي بنياد تي رسمي ڪردارن جي عڪاسي سان ان جي صنفي ڪم جي تقسيم ان جي رسمي ڪردارن سان جوڙيل آهي. مثال جي طور تي عورتون ڪمزور آهن، ڇوڪرا روئندا ناهن وغيره وغيره

**صنفي تربيت** Gender training

اهڙي تربيت جنهن جو مقصد صنف جي متعلق تصورن ۽ پاليسين جي عام سمجهہ پيدا ڪرڻ هجي.

**صنفي ترقيءَ جو پئمانو** Gender-related Development Index (GDI)

انساني ترقي جي پئماني جا ٽي پهلون پيدائش وقت متوقع عمر، تعليم ۽ معياري زندگي، آمدني ڪي صنف جي حوالي سان ڏسڻ آهي. GDI جي ذريعي هر ملڪ ۾ ان ٽن پهلوئن جي حوالي سان اوسط بهتري ۾ عورتن ۽ مردن، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي درميان فرق ڪي پرکيو ويندو آهي.

**صنف جي تصور جي هر سطح تي شموليت** Gender mainstreaming/ mainstreaming gender

صنف جي تصور جي تمام پاليسين ۽ ترقي جي عمل ۽ منصوبہ بندي ۾ متعارف ڪرائڻ تہ جيئن صنفي امتياز جو خاتمو ٿي سگهي.

**صنفي طور حساس** Engendering

اجڪلهہ هي اصطلاح ڪنهن عمل ۾ صنفي طور تي حساس بڻائڻ جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي. مثال جي طور تي ”صحت جي نظام ڪي صنفي طور حساس بڻائڻ“.

**عورتن لاءِ قومي لائحہ عمل** National Plan of Action for Women (NPA)

پاڪستان ۾ عورتن جي لاءِ قومي منصوبہِ عمل (NPA) جو ڪم عورتن جي ترقي جي وزارت مدد ڪندڙ ادارن جي سهڪار سان شروع ڪيو هو. سيپٽمبر 1995ع ۾ بيجنگ ۾ ٿيل عورتن جي چوٿين عالمي ڪانفرنس جي موقعي تي پاڪستان جي طرف کان منظور ڪيل عملي لائحہ عمل (PFA) جي پيرا 297 جي تعميل ۾ ڪليدي نوعيت جو پهريون قدم قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

**بغير امتياز، بغير فرق يا تفريق** Non-discrimination

**پدر شاهي** Patriarchy

اهڙو معاشرتي نظام جنهن ۾ گهر جي اندر يا باهر مرد جي بالادستي قائم هوندي آهي ۽ فيصلا سازي اختيار انهن وٽ هوندو آهي.

**مثبت امتياز يا فرق** Positive discrimination

اهڙي پاليسي، پروگرام، منصوبو يا عمل جنهن جو مقصد نسلي يا صنفي يا ڪنهن ٻئي بنياد تي امتيازي سلوڪ جو شڪار پوئتي پيل ۽ محروم طبقن تي اثرن جو مقابلو ڪندو هجي. انجو مقصد رُڪاوٽن ڪي ختم ڪري برابر موقعا مهيا ڪرڻ آهي.

**عملي صنفي ضرورتون** Practical gender needs

اهڙيون فوري ضرورتون جيڪي روزمره جي مسئلن جي حل لاءِ هجن. مگر جيڪي بنيادي ڍانچي ۽ نظام ۾ تبديلي نہ آڻين.

**جنس** Sex

مردن ۽ عورتن ۾ قدرتي حياتياتي فرق

**سماجي اثاثا، وسيلا** Social Capital

اجتماعي عمل يا تنظيم سازي جو ڪو بہ رسمي يا غير

## تعليم ۽ تربيت




رسمي شڪل

**سماجي قاعدا** Social norms

معاشرن ۾ رائج طرزِ عمل جا نمونا يا معيار جن جو جڙون ان معاشرن جي تهذيبي، نسلي ۽ تاريخي پس منظر ۾ هونديون آهن. اڪثر سماجي قاعدا انجي محدود وقت، تعليم جي وسيلن ۽ خدمتن تائين محدود پهچ يا فيصلا سازي ۾ محدود شرڪت جي سبب ترقي جي مرڪزي سرگرمين ۾ عورتن جي شرڪت گهٽ ڪندا آهن.

**سماجي تحفظ جو نظام** Social Safety Nets

ضرورتمند فردن جي معاشي تحفظ ۽ بچاءُ لاءِ ورتل قدمن جيئن فوڊ اسٽيپ پروگرام (خوراڪ جي تحفظ جو پروگرام) ۽ سماجي تحفظ وغيره.

**روايتي ڪردار يا تصور** Stereotype

صنفي حڪمت عملي جون ضرورتون Strategic gender needs

اهڙيون صنفي ضرورتن جيڪي معاشري جي ساختياتي تبديلي جي لاءِ گهربل هجن.

**ساختياتي نظام ۽ ڍانچي ۾ صنفي اڻبرابري** Structural gender inequality

اهڙو معاشي نظام جتي صنفي امتياز معاشي ۽ سرڪاري ادارن جي ذريعي عملن موجود هجي.

**عورت ۽ ترقي** Women and Development (WAD)

ترقي جو هڪ نظريو ۽ تجزيو جيڪو عورتن جي خاص صورتحال ۾ انهن کي الڳ گروپ جي طور تي وٺي ٿو يا فوڪس ڪري ٿو ۽ ترقي جي عمل جا منفي اثرن جيڪي عورتن تي هوندا آهن انهن جي نشاندهي ڪندو آهي ۽ ترقياتي منصوبه سازي ۾ عورتن جي نقط نظر کي شامل ڪرڻ تي زور ڏيئي ٿو.ويڌ ان کي تسليم ڪري ٿو ته عورتون هميشه کان معاشي طور سرگرم رهيون آهن ۽ دنيا جي سياسي معيشت ۾ ساختياتي تبديلين تي زور ڏيئي ٿو. ويڌ جي هڪ وڏي ڪمزوري پدرسري نظام ۽ معاشي استحصال جي درميان تعلق تي توجو نٿو ڏيئي جيڪو بعد ۾ GAD جي سوچ ۾ شامل ٿيو.

**ترقي جي عمل ۾ عورتون** Women In Development (WID)

70ع جي ڏهائي جي شروع ۾ متعارف ٿيڻ وارو نظريو ۽ تجزيو جنهن جو مقصد ترقي جي عمل ۾ عورتون کي فائدو ڏيڻ هو. WID نظريو ترقياتي وسيلا بلاواسطه عورتن تي استعمال ڪرڻ جي ضرورت کي اجاگر ڪيو. مگر هي نظريو ۽ تجزيو عورتن جي ترقي جي ڌاري ۾ اٽڻ جي بجاءِ عليحده ڪرڻ جو سبب بڻيو، ان ڪان پوءِ WAD ۽ GAD جو نظريو سامهون آيو.

***(نوٽ: هي عام ۽ اهم صنفي اصطلاح عورتن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ اداري شرڪت گاهه پاران اردو ٻولي ۾ شايع ڪيل "لُغت صنفي اصطلاحات" مان چوند ڪري ترجمو ڪيا ويا آهن، جنهن لاءِ سرسو شرڪت گاهه جو ٿورو مڃي ٿو. ايڊيٽر سرسو سنڌي ميگزين)***

ڪامياب ڪهاڻي

# نندپڻ جي شاديءَ، صنفي امتيازءِ غير قانوني عمل خلاف گڏيل آواز ۾ ڪاميابي

"نندپڻ جون شاديون اسان جي علائقي جو عام رواج آهي. جنهن طرف اسان ڪڏهن ڌيان نه ڏنو آهي. جيستائين اسين سرسو پاران يورپين يونين جي سهڪار سان سڪسيس پروگرام تحت ڪميونٽي ادارن ۾ منظم نه ٿياسون ۽ پنهنجن بنيادي مسئلن تي ڳالهائڻ نه شروع ڪيوسين. اسين ننڍي عمر جي شادين کي هڪ غير قانوني عمل طور تڏهن ڄاتو جڏهن هڪ ڪميونٽي ريسورس پرسن (سي آر پي) اسان کي انهن شادين جي خراب اثرن ۽ مناسب عمر ۾ شادي ڪرڻ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي." پانل وضاحت سان ٻڌايو.



انهن ڏينهن ۾ ڪميونٽي آرگنائيزيشن جي ميمبر جي شادي مقرر ٿي، مگر ان جي عمر شادي ڪرڻ واري قانوني عمر کان ننڍي هئي. پانل ٻڌايو ته آئون ان (سي او) جي صدر هئس ۽ مون عجيب محسوس ڪيو جيڪا شادي ٿي رهي هئي. هن چيو ته "اسين سڀ سي او ميمبرگڏ ٿياسون، ان بابت صلاح مشورو ڪيوسين ۽ فيصلو ڪيوسين ته ڪهڙي به طرح ان شادي کي روڪرائيندا سون. ان لاءِ اسان پهريون ڇوڪريءَ جي پيءُ سان ڳالهايو، ان کي ننڍي عمر ۾ شادي جي غير قانوني ۽ ڇوڪري جي صحت ۽ دماغ تي پوندڙ خراب اثرن جو ٻڌايو ۽ چيوسين ته اهو غير مناسب هوندو ته اها شادي ڪئي وڃي. ان ڪري ان کي روڪيو جيستائين ڇوڪري شادي جي عمر تائين نٿي پُهچي." پانل چيو ته جيتوڻيڪ اسان کي پهريان ته جواب خراب مليو پر ڪافي ميمبرن هن شادي جي مخالفت ڪئي پر اسان کي رواج جي خلاف وڃڻ جو چيو، مگر اسين هار نه مڃي. اسين مسلسل والدين ۽ ڳوٺ جي باشعور ماڻهن سان رابطو رکيو ۽ انهن کي سمجهايوسين، نيٺ ڇوڪريءَ جي پيءُ اسان جي ڳالهه سمجهي ۽ شادي کي عارضي طور ملتوي ڪيو. جنهن کان پوءِ ٻئي ڌر کي به راضي ڪيو سين. اها اسان جي پهرين وڏي ڪاميابي هئي. پانل خوشيءَ مان ٻڌايو. هن پنهنجي ڪاميابي بابت آخري ڳالهه ڪئي ته " هاڻي اسين ڄڏهن ڄاڻون ٿا ته اسان جا قانوني ۽ انساني حق ڪهڙا آهن ۽ هاڻ ڪو اهڙو غير قانوني عمل ٿيندي ڏسون ٿا ته اسين آواز اٿاريون ٿا ۽ ان کي روڪيون ٿا."

ڪامياب ڪهاڻي

# هُنر منهنجو قيمتي زيور

**انيتا لوهاڻا**
مانيٽرنگ ۽ اويليوئيشن آفيسر، پي پي آر پي، ضلعو سانگهڙ

”ننڍپڻ جون شاديون اسان جي علائقي جو عام رواج آهي. جنهن طرف اسان ڪڏهن ڌيان نہ ڏنو آهي. جيستائين اسين سرسو پاران يورپين يونين جي سهڪار سان سڪسيس پروگرام تحت ڪميونٽي ادارن ۾ منظم نہ ٿياسون ۽ پنهنجن بنيادي مسئلن تي ڳالهائڻ نہ شروع ڪيوسين. اسين ننڍي عمر جي شادين کي هڪ غير قانوني عمل طور تڏهن ڄاتو جڏهن هڪ ڪميونٽي ريسورس پرسن (سي آر پي) اسان کي انهن شادين جي خراب اثرن ۽ مناسب عمر ۾ شادي ڪرڻ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي.“ پانل وضاحت سان ٻڌايو.



انهن ڏينهن ۾ ڪميونٽي آرگنائيزيشن جي ميمبر جي شادي مقرر ٿي، مگر ان جي عمر شادي ڪرڻ واري قانوني عمر کان ننڍي هئي. پانل ٻڌايو تہ آئون ان (سي او) جي صدر هئس ۽ مون عجيب محسوس ڪيو جيڪا شادي ٿي رهي هئي. هن چيو تہ ”اسين سڀ سي او ميمبرگڏ ٿياسون، ان بابت صلاح مشورو ڪيوسين ۽ فيصلو ڪيوسين تہ ڪهڙي بہ طرح ان شادي کي روڪرائينداسون. ان لاءِ اسان پهريون ڇوڪريءَ جي پيءُ سان ڳالهايو، ان کي ننڍي عمر ۾ شادي جي غير قانوني ۽ ڇوڪري جي صحت ۽ دماغ تي پوندڙ خراب اثرن جو ٻڌايو ۽ چيوسين تہ اهو غير مناسب هوندو تہ اها شادي ڪئي وڃي. ان ڪري ان کي روڪيو جيستائين ڇوڪري شادي جي عمر تائين نٿي پُهچي.“ پانل چيو تہ جيتوڻيڪ اسان کي پهريان تہ جواب خراب مليو پر ڪافي ميمبرن

## ڪامياب ڪهاڻي

هن شادي جي مخالفت ڪئي پر اسان کي رواج جي خلاف وڃڻ جو چيو، مگر اسين هار نہ مڃي. اسين مسلسل والدين ۽ ڳوٺ جي باشعور ماڻهن سان رابطو رکيو ۽ انهن کي سمجهايوسين، نيٺ ڇوڪريءَ جي پيءُ اسان جي ڳالهہ سمجهي ۽ شادي کي عارضي طور ملتوي ڪيو. جنهن کان پوءِ ٻئي ڌر کي بہ راضي ڪيو سين. اها اسان جي پهرين وڏي ڪاميابي هئي. پانل خوشيءَ مان ٻڌايو. هن پنهنجي ڪاميابي بابت آخري ڳالهہ ڪئي تہ “ هاڻي اسين جڏهن ڄاڻون ٿا تہ اسان جا قانوني ۽ انساني حق ڪهڙا آهن ۽ هاڻ ڪو اهڙو غير قانوني عمل ٿيندي ڏسون ٿا تہ اسين آواز اٿاريون ٿا ۽ ان کي روڪيون ٿا.”



هُنر اسان جي سنڌ جي ڪُندِ ڪُڙڇ ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن ۾ خاص ڪري ڳوٺن ۾ رهندڙ عورتن کي بهتر ڪرڻ ايندو آهي پر ڪٿي ڪٿي وسيلن جي کوٽ سبب اسان جي سنڌ جون عورتون هُنر جهڙي قيمتي زيور کان محروم هونديون آهن. هُنر ۾ اڄڪلهہ خاص ڪري هٿ جو ڀرت، ڪپڙا سلائي ۽ ٽُڪ جي ڪم جو گهڻو رُجحان ٿي پيو آهي. ماڻهو ڀلي شهر سان تعلق رکندو هجي يا وري ٻهراڙي سان، هر ڪو انهن هُنرن کي ترجيح ڏئي رهيو آهي. پر جيڪڏهن اسان هُنر جي ڪم ۾ ٽُڪ جي ڪم تي نظر وجهنداسين تہ ٽُڪ جو ڪم پهرين صرف رلين، چادرن ۽ وهاڻن تي ٿيندو هو پر هلندڙ وقت سان گڏوگڏ هن جديد دور ۾ ٽُڪ جي ڪم ۾ نواڻ آڻي ڇُولن، ٻانهن ۽ شلوارن تي بہ ٿيڻ شروع ٿي ويو آهي جنهن سان خاص ڪري هر عورت مختلف ڊزائنن جي ٽُڪ جي ڪم کي ترجيح ڏئي رهيون آهن.

انهن سڀني شين جو تجزيو ڪندي اڄ اسان جي ٻهراڙيءَ جي سُگهڙ عورت نالي گُلناز زال محمد ياسين جنهن کي ٽُڪ جو ڪم سکڻ جو ڏاڍو شوق هو. هن اهو فيصلو ڪيو تہ آئون ايس آر ايس او ۽ سنڌ حڪومت جي تعاون سان هلندڙ غُربت گهٽائڻ واري پروگرام جي هُنر واري سکيا مان فائدو وٺان تہ جيئن ڏُکين ڏينهن مان ڇُوٽڪارو حاصل ڪري پنهنجي گهر ۽ ٻارن جي بنيادي ضرورتن کي پورو ڪري سگهان.

مسمات گُلناز پنهنجي گهر جي موجوده صورتحال بابت ٻُڌايو تہ منهنجو تعلق ڳوٺ قائم خان جلالاڻي سان آهي جيڪو يونين ڪائونسل سيد سبغتُ الله شاهہ شهيد ، تعلقو سانگهڙ ۾ واقع آهي. هن وقت مون کي ٽن ٻارن جي اولاد آهي جن ۾ بہ نياڻيون ۽ هڪ پٽ آهي، ۽ ٽي ئي ٻار اسڪول ۾ ڪچي پڪي ۽ پهرئين ڪلاس ۾ پڙهي رهيا آهن ۽ منهنجو گهر وارو هارپو ڪندو آهي. گُلناز پنهنجن گذريل لمحن کي ياد ڪندي پنهنجا سُور اوريندي چيو تہ پهريان ڪو خاص هُنر نہ هو ۽ مان پنهنجي مُڙس سان گڏ زمين تي هارپي جو ڪم ڪندي هُيس پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليندا هُياسين. هارپي مان اسان کي ايتري اُجرت نہ ملندي هئي جو اسان چڱي نموني سان گهر جو گاڏو هلائي سگهون ۽ ٻارن جي بنيادي ضرورتن کي پورو ڪري سگهون. اُنهن ڏينهن ۾ سرسو ادارو هُنر واري سکيا جي پروگرام مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ اسان تنظيمن جي ميمبرن سان گڏجاڻي ڪئي جنهن ۾ مون پڻ شرڪت ڪئي. تڏهن مون سرسو جي عملي کي گذارش ڪئي تہ مون کي ٽُڪ جي ڪم جي سکيا ڏني وڃي تہ جيئن آئون گهر ويٺي ٽُڪ جو ڪم ڪري ڪجهہ ناڻو ڪمائي پنهنجي گهر ۽ ٻارن جو مُستقبل سنواري سگهان. جنهن تي ڳوٺاڻي تنظيم جي

# ڪامياب ڪھاڻي

سيني ميمبرن ۾ ٽُڪ جي ڪم ۾ دلچسپي رکندڙ عورتن پنھنجي گھر، علائقي جي ضرورت ۽ رُجحان کي نظر ۾ رکندي ٽُڪ جي ڪم جي هُنر جا فارم ڀرايا. گُلناز وڏيڪ ٻڌايو تہ منھنجو اسڪور "17" آهي ۽ آئون سرسو اداري ۾ نهيل پاڙي واري تنظيم "دلبر" ۽ ڳوناٽي تنظيم "قائم خان" ٻنهي ۾ مئنيجر طور پنھنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهيان.

سرسو اداري کي تنظيم جي پليٽ فارم ذريعي ڏنل قرارداد تحت مون کي ٽُڪ جي ڪم جي هڪ مهيني جي تربيت ڏني وئي، جيڪا مون ماهر ٽرينر جي زيرنگراني بهتر نموني سان مڪمل ڪئي. هن وقت مون کي گھر ويٺي ڳوٺن ۽ ڀر پاسي جي رهواسين جا سلائيءَ لاءِ آرڊر ملن ٿا جيڪي وقت تي سبي ڏيندي آهيان. ڪم جي معيار کي ڏسي وري ٻيا آرڊر ملي ويندا آهن. آئون هر مهيني 5000 کان 6000 روپيا گھر ويٺي ٽُڪ جي ڪم مان ڪمائيندي آهيان، جنھن سان اسان جي گھر جي حالات ۾ بهتري آئي آهي ۽ گھر جون بنيادي ضرورتون بہ ٿوريون گھٽيون پوريون ٿي رهيون آهن. هُنري سکيا وٺڻ کان پوءِ مون بنا وياج واري قرض لاءِ قرارداد ڏني ۽ 15000 روپيا قرض جي مد ۾ حاصل ڪيا. جنھن مان مون هڪ ٻڪري ورتي، ڪجھ وقت کان پوءِ ٻڪري مان ٻہ ڦر ٿيا، هڪ ڦر ڪپائي ورتل قرض وقت واپس ڪيو. هن وقت مان ٻن ٻڪرين جي مالڪ آهيان جن جي هن ماليت تقريباً 20000 کان 25000 تائين ٿيندي.

گُلناز پنھنجي چھري تي مُرڪ آڻيندي چيو تہ آئون سرسو ۽ سنڌ حڪومت جي ٿورائتي آهيان جنھن مون کي هُنر جھڙي قيمتي زيور سان نوازيو ۽ پنھنجي پيرن تي بيھڻ سيکاريو ۽ تڪليفن واري زندگي مان ڇوٽڪارو ڏياريو. هن وقت آئون پنھنجي مُڙس جي ٻانھن ٻيلي ۽ گھر جي ضرورتن کي پورو ڪري رهي آهيان. سرسو نہ صرف مون کي پر ٻهراڙين ۾ رهندڙ مرد توڙي عورتن کي مختلف قسمن جون هنري سکيائون ڏئي اُنھن جي صلاحيتن کي اُجاگر ڪيو آهي ۽ مختلف اسڪيمن جي مدد سان غريب ۽ پوئتي پيل ٻهراڙين جي عوام کي بهتر زندگي گذارڻ جا موقعا فراهم ڪيا آهن.



سرسو ۽ سنڌ حڪومت کي گذارش آهي تہ اهڙن قسمن جا پروگرام هلائيندا رهن تہ جيئن پوئتي پيل علائقن جي ماڻھن خاص ڪري عورتن جي زندگي ۾ وڌيڪ بهتري اچي ۽ خودمختياري واري زندگي گذاري سگھن

## ڪميونٽي ادارا هڪ تعارف

# لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ايڪتا

### يونين ڪائونسل يارو ديرو ضلعو قمبر- شهدادڪوٽ (سنڌ)

| ضلعو | يونين ڪائونسل | ايل ايس او ٺهڻ جي تاريخ | يوسي ۾ ڪل گهراڻا | منظم ڪيل گهراڻا |
|---|---|---|---|---|
| قمبر-شهدادڪوٽ | يارو ديرو | آڪٽوبر31، 2018 | 3،922 | 2،128 |
| ڪل پُهچ | ميمبر ڪميونٽي آرگنائيزيشنس جو تعداد | ميمبر وليج آرگنائيزيشنس جو تعداد | جنرل باڊي ميمبرن جو تعداد | انتظامي باڊي ميمبرن جو تعداد |
| 78 سيڪڙو | 94 | 10 | 20 | 7 |

*لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ايڪتا يونين ڪائونسل يارو ديرو ضلعو قمبر-شهدادڪوٽ ۾ آڪٽوبر31، 2018 ۾ 2،128 منظم گهراڻن پاران 94 ڪميونٽي آرگنائزيشنس (سي اوز) ۽ 10 وليج آرگنائيزيشنس (وي اوز) جوڙي. ايل ايس او جون عورت اڳواڻ پنهنجي مدد پاڻ ۽ مختلف سرڪاري ادارن جي سهڪار سان مختلف ترقياتي سرگرمين جي منصوبه سازي ڪئي آهي ۽ عمل ۾ پڻ آڻي رهيون آهن. يورپين يونين (اِي يو) جي مالي مدد سان هلندڙ سڪسيس پروگرام هيٺ سنڌ ۾ ڀهراڙي جي عورتن کي انهن جي اڳواڻپ ۾ گڏيل عمل ذريعي طاقتور بڻائي رهيو آهي. منظم ٿيل عورتون پنهنجي حقن بابت ڄاڻ حاصل ڪري رهيون آهن، خدمت ڪندڙ ادارن کي جوابده بڻائي رهيون آهن ۽ پنهنجي زندگين کي بهتري طرف گامزن ڪري رهيون آهن.*

### ڪووڊ_19 وبا بابت جاڳرتا

جڏهن ڪووڊ-19 وبا تيزي سان پوري ملڪ ۾ ڦهلجڻ شروع ڪيو ته ايل ايس او ايڪتا جون عورت اڳواڻن سنڌ حڪومت جي صحت کاتي سان رابطو ڪيو ۽ انهن کي صورتحال بابت آگاهي ڏني ۽ مدد جي اپيل پڻ ڪئي. ان جي جواب ۾ صحت کاتي جي ڪووڊ-19 فوڪل پرسن ڊاڪٽر حبيب شاهه ايل ايس او سان وبا بابت جاڳرتا سيشن منعقد ڪيو، جنهن ۾ بيماري ۽ ان جي وڌندڙ خطرن ۽ پوري دنيا، پاڪستان ۽ سنڌ ۾ صورتحال بابت عورت اڳواڻن کي تفصيلي ڄاڻ ڏني ۽ وبا جي نشانين ۽ احتياطي تدبيرن بابت ٻڌايو. ان جاڳرتا سيشن کان پوءِ ايل ايس او پاران پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ ميمبر وليج آرگنائيزيشنس جي مدد سان ڪميونٽي سطح تي



## ڪميونٽي ادارا هڪ تعارف

جاڳرتا سيشن ڪيا ۽ ڪميونٽي کي وبا ۽ احتياطي اُپائن جي اهميت ۽ طريقن خاص طور تي سماجي وٿي، هٿ ڌوئڻ ۽ ماسڪس پائڻ بابت ڄاڻ ڏني. صحت کاتي پاران ايل ايس او کي 75 سرجيڪل ماسڪ، 100 دستانا ۽ سينيٽائيزرز پڻ مهيا ڪيا ويا. حڪومت جي صحت کاتي پاران ايل ايس او پاران وبا خلاف ڪيل ڪوشش جي تعريف ڪئي وئي.

ايل ايس او پاران يورپين يونين (اِي يو) جي مالي مدد سان هلندڙ پروگرام فار امپروو نيوٽريشن ان سنڌ (پنس) جي واش ڪميونٽي ريسورس پرسنز (سي آر پيز) سان گڏجاڻي ڪئي ۽ وبا بابت سيشن منعقد ڪيو ۽ طئي ڪيو ويو تہ سي آر پيز ڪميونٽي سطح تي وبا بابت جاڳرتا سيشن ڪرائيندا ۽ صحيح طرح هٿ ڌوئڻ ۽ سماجي وٿي جون عملي سرگرميون پڻ منعقد ڪندا. اهڙيءَ طرح انهن سي آر پيز ايل ايس او جي ميمبر وي اوز ۽ سي اوز سان گڏجي ڪميونٽي ۾ 200 جاڳرتا سيشن ڪيا.



### ڪووڊ_19 جي ڪري ٽيل لاڪ ڊائون دوران غريب گهراڻن تائين تازين سبزين جي ورهاست

ڪرونا وبا جي پکيڙ کي روڪڻ لاءِ حڪومت پاران لڳايل لاڪ ڊائون جي ڪري ماڻهون گهرن تائين محدو ٿي ويا، جنهن جي ڪري خاص طور تي روزانہ مزدوري ڪندڙ ۽ غريب ترين گهراڻن کي ڪافي مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پيو. ان مشڪل گهڙين ۾ روزگار جي بندش سبب اهي سبزيون خريد ڪرڻ جي قابل بہ نہ رهيا. ان ڪري انهن گهراڻن لاءِ مناسب خوراڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ وڏو مسئلو ٿي پيو هو. انهيءَ وقت ايل ايس او ايڪتا جا زرعي ڪاروبار ڪندڙ 7 فارمرز فيلڊ اسڪول جتي سبزين جا ڊيمو پلاٽس لڳايا هئا ۽ مختلف سبزيون پوکيل هيون. ايل ايس او جي اڳواڻ عورتن زرعي ڪاروباري (Agriculture Entrepreneur) سان رابطو ڪيو ۽ گڏجاڻي ڪري غريب گهراڻن جي خوراڪ جي مسئلي بابت ٻڌايو. ان جي نتيجي ۾ نشاندهي ڪيل 50 غريب گهراڻن ۾ مختلف قسم جون تازيون سبزيون مفت ۾ ورهايون ويون. ان کان علاوه انهن تيار ٿيل سبزيون مارڪيٽ ۾ سستي اگهہ تي وڪرو بہ ڪيون. اهڙيءَ طرح ايل ايس او ان ڏکي صورتحال ۾ سڀ کان غريب 50 گهراڻن جي خوراڪ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

### پرائمري اسڪول جي مين گيٽ لڳرائڻ

ڳوٺ جعفراڻي ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول جي بلڊنگ تہ آهي، مگر مکيہ گيٽ نہ هجڻ ڪري اسڪول جو ڪافي نقصان ٿي ويندو هو جيڪو ڳوٺ لاءِ وڏو مسئلو هو. جڏهن ايل ايس او ايڪتا جي اڳواڻ عورتن کي ان مسئلي جي خبر پئي تہ ان جي حل لاءِ 4 فيبروري 2020 تي هڪ ڪاميٽي جوڙي ۽ ايل ايس او جي صدر، مئنيجر، خزانچي ۽ 2 جنرل باڊي جون عورت ميمبر ڪنيا ويا. ڪاميٽي ناهڻ ۽ مسئلي جي حل لاءِ وليج



## ڪميونٽي ادارا هڪ تعارف

آرگنائيزيشن (وي او) سان صلاح مشورو ڪيو ويو ۽ مسئلي جي حل لاءِ ڊپٽي ڪمشنر آفيس سان رابطو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. گڏجاڻي لاءِ وقت گهريو. طئي ٿيل ڏينهن تي ميمبر عورتن ڊي سي قمبر-شهدادڪوٽ سان گڏجاڻي ڪئي ۽ ڪيس ڳوٺ جي اسڪول جي مسئلي ۽ ان جي حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪئي. گڏجاڻي ۾ ڊي سي ايل ايس او جي جذبي ۽ ڪوشش کي ساراهيو ۽ جلد مسئلي کي حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو. اهڙيءَ طرح بهتر رٿا بندي، موثر رابطاڪاري ۽ پيروڪاري جي نتيجي ۾ ضلعي انتظاميہ پاران گيٽ لڳرائي وئي ۽ اسڪول کي محفوظ بڻائي تعليم جي صورتحال ۾ بهتري آندي وئي.

### پيئڻ جي صاف پاڻي لاءِ پائيپ لائين جي فراهمي



ڳوٺ ماهي ڊربن يوسي يارويرو جي لاءِ صاف پيئڻ جو پاڻي سڀ کان وڏو مسئلو هو. جڏهن عورتن جي اڳواڻيءَ ۾ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ايڪتا جو قيام عمل ۾ آندو ويو ته ان جي هڪ گڏجاڻي ۾ مقامي وليج آرگنائيزيشن (وي او) جي عورت نمائندن ڳوٺ ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي لاءِ پائيپ لائين جو مسئلو اٿاريو ۽ ان جي حل ۾ ايل ايس او کان رهنمائي گهري. ايل ايس او مسئلي جي حل لاءِ يوسي جي چيئرمين سان رابطو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ بعد ۾ چيئرمين سان گڏجاڻي ڪئي ۽ يوسي جي 4 ڳوٺن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي حل لاءِ ڪين اپيل ڪئي. چيئرمين مسئلي ۽ عورتن اڳواڻن جي ڳڻُر کي سمجهندي انهن ڳوٺن لاءِ اضافي پائيپ لائينون ڏيڻ جو واعدو ڪيو ۽ ان لاءِ ضلعي انتظاميہ سان رابطو ڪرڻ جو بہ چيو. چيئرمين ايل ايس او جي سرگرم عورت اڳواڻن جي جذبي جي تعريف ڪئي ۽ خوشيءَ ظاهر ڪئي تہ عورتن وٽ نہ صرف مسئلا پيش ڪرڻ جو جذبو ۽ ڏانءُ آهي، گڏوگڏ انهن جي بهتر حل جو عملي پلان بہ آهي. ان کان پوءِ ڳوٺن جي سروي ڪئي وئي ۽ اضافي پائيپ لائينون ڏيڻ جي لاءِ اهم جاين جي نشاندهي پڻ ڪئي وئي.

### ضروتمند بيواهہ عورتن کي زڪوات ڏيارڻ ۾ مدد

سڪسيس پروگرام شروع ٿيڻ کان اڳ عورتن کي مختلف حڪومتي پلائيءَ جي ڪمن جي خبر نہ هئي، جنهن ۾ خاص طور بيوهہ عورتن جي مالي مدد لاءِ زڪوات نظام بابت ڄاڻ نہ هئي. ان ڪري ايل ايس او جي اڳواڻ عورتن فيصلو ڪيو تہ حڪومت جي ان نظام بابت معلومات حاصل ڪري مقامي وليج آرگنائيزيشنس (وي اوز) کي مهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ ضرورتمند بيوهہ عورتن کي مالي مدد مهيا ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪجي. ان مقصد لاءِ هڪ 5 ميمبرن تي مشتمل هڪ ڪاميٽي جوڙي وئي. ڪاميٽي پنهنجو ڪم ڪندي واسطيدار آفيس ۽ عملدارن سان ملي ۽ انهن کان زڪوات جي نظام ۽ مدد جي طريقڪار بابت معلومات حاصل ڪئي. ڪاميٽي وي اوز جي مدد سان سڀ کان وڌيڪ ضرورتمند 10 بيوهہ عورتن جي لسٽ جوڙي. ان کان پوءِ يوسي وڳڻ جي ٽائون ڪاميٽي چيئرمين سان گڏجاڻي ڪئي ۽ زڪوات فنڊ مان بيواهہ عورتن جي مدد ڪرڻ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي، جنهن کان پوءِ ڪيس 10 ضرورتمند عورتن جي لسٽ ڪيس ڏني. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پاڻ چيئرمين ايل ايس او جي نمائندن سان رابطو ڪيو ۽ 10 بيوهہ عورتن جي زڪواٿ فنڊ مان مالي مدد

# ڪميونٽي ادارا هڪ تعارف

منظوري جو ٻڌايو ۽ جن آفيس وڃي مالي مدد حاصل ڪئي. گڏوگڏ چيئرمين پنهنجي پاران پڻ 20،000 هزار روپيا امداد ڪئي.

## غريب عورتن کي يوسي چيئرمين جي مدد سان راشن جي فراهمي

ڪووڊ-19 وبا جي روڪ لاءِ لڳايل لاڪ ڊائون دوران خاص طور تي غريب ترين ۽ روزاني اجرت تي پاڙيندڙ گهراڻن جا مسئلا وڌي ويا ۽ انهن سنگين معاشي ۽ مالي بحران کي مُنهن پئي ڏنو، جو ته انهن جو معاشي ذريعو ختم ٿي ويو هو. اهڙيءَ صورتحال ۾ ايل ايس او جون عورت اڳواڻ اڳتي آيون ۽ اهڙا گهراڻا جيڪي پنهنجي روزي روٽي کي حاصل ڪرڻ جي مسئلن جو شڪار هئا انهن کي کاڌ خوراڪ مهيا ڪرڻ جو سوچيو. جنهن لاءِ ابتدائي طور تي يو سي چيئرمين سان رابطو ڪيو ويو، ڪيس غريب گهراڻن جي صورتحال ۽ ضرورتن کان آگاهه ڪيو. اهڙيءَ طرح 25 غريب ترين گهراڻن جي خوراڪ لاءِ راشن جون ٿيلهيون مهيا ڪيون ويون.



## سوهانجڙي ٻوٽي جي پوکائي

**سوهانجڙي** وڻ تيزي سان وڌي ٿو. ۽ ٻوٽو غذائيت سان ڀرپور آهي. خاص طور تي ابهم ٻارن، پيٽ پري ۽ کير پياريندڙ عورتن جي غذائيت جون ضرورتون پوريون ڪري ٿو ۽ غذائيت واري کوٽ کي منهن ڏيڻ جي



صلاحيت رکي ٿو. ان حوالي سان ايل ايس او جون عورت اڳواڻن اِي يو جي مالي مدد سان هلندڙ پروگرام فار امپروڊ نيوٽريشن ان سنڌ (پنس اِي آر-3) هيٺ زرعي ڪارو ڪنڊڙ (اي اِيز) سان گڏجاڻيون ڪيون ۽ انهن کي ڪميونٽي سطح تي جوڙيل فارمرز فيلڊ اسڪول ۾ وليج آرگنائيزيشنس جي مدد **سوهانجڙي** جون نرسريون لڳائڻ ۽ ٻوٽي کي ڦهلائڻ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي. فارمرز فيلڊ اسڪول 700 **سوهانجڙي** جون نرسريون قائم ڪيون. ان جي نتيجي ۾صرف يوسي ياروديرو ۾ 4،900 ٻوٽا لڳايا ويا، جنهن ۾ ايل ايس او جي ميمبر وليج آرگنائزيشنس اهم ڪردار ادا ڪيو وليج آرگنا.ئيزيشنس (وي اوز) جي اڳواڻن پنهنجي ڪميونٽي آرگنائيزيشنس (سي اوز) ۾ تيار ٿيل ٻوٽا ورهايا ۽ جيڪي گهر، رستي ۽ بين مختلف جڳهن تي پوکيا ويا. انهن ٻوٽن جي وڌي وڃڻ کان پوءِ گهرو سطح تي ماحول جي بهتري سان گڏ غذائيت جي گهٽتائي واري مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ وڏي مدد ملندي.

***(نوٽ: هي خاڪو آر ايس پي اين پاران سڪسيس پروگرام هيٺ ضلعي لاڙڪاڻي ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ۾ قائم ڪيل لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) جي تعارف طور انگريزي ٻولي ۾ لکيو ويو آهي. جنهن کي پروگرام جي ويب سائيٽ تي ٻه پڙهي سگهجي ٿو. هي ڪميونٽي ادارن جو تعارف ان جو ترجمو آهي، جنهن لاءِ ادارو آر ايس پي اين جو ٿورو مڃي ٿو. ايڊيٽر)***

ٻيو رُخ

# سنڌ جي عورتن جا منجهيل مسئلا ۽ صنفي امتياز

تحرير: عُروسا کٽي
مئنيجر رابطاڪاري سرسو ڪراچي آفيس

صنفي امتياز هڪ خطرناڪ وبا وانگر اسان جي سماجي سوچ کي معذور ڪري ڇڏيو آهي ۽ لڪين عورتن کي صدين کان ناڪاره قرار ڏئي زمين اندر دفن ڪري ڇڏيو آهي. صنفي امتياز کي اسان جي سماج ۾ هڪ مضبوط رائج رسم طور قبول ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف اسين انساني حقن جي تقريبن سڀني عالمي معاهدن تي صحي ڪري مرد ۽ عورت کي برابر جو انسان سمجهڻ ۽ ساڳيو ورتاءُ ڪرڻ جا پابند به آهيون.

صنفي امتياز جي هي بيماري اڄ جي نه پر هزارين سال پراڻي آهي ۽ اسان سڀني هن بيماري کي قبول ڪري ورتو آهي. انهيءَ بيماريءَ اسان جي صوبي سنڌ کي تمام بري طريقي سان متاثر ڪيو آهي. جنهن ڪري هزارين عورتون تعليم حاصل ڪري نه سگهيون آهن. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته هي بيماري انتهائي منظم انداز سان ڦهلجي رهي آهي. صنفي امتياز نه صرف مرد پر عورتون خود به انهي جو حصو بڻجي ويون آهن. اهي ڄاڻي ٻُجهي ٽوڙي اڻڄاڻائيءَ ۾ اهو يقين نٿيون ڪن ته هن بيماري سان اسان هزارين عورتن کي عزت جي نالي تي موت جي ننڊ سمهاري چڪا آهيون ۽ ڪين قيد ڪري زندگي جي سڀني سهولتن کان محروم ڪري چڪا آهيون.

صنفي امتياز ۾ عورتن کي گهٽ، ڪمزور، بي عقل ۽ ناڪاره سمجهيو وڃي ٿو ۽ خاندان جي عزت جو سڄو بار عورت جي ڪلهن تي وڌو ويو آهي. عورت جنهن ڏينهن پيدا ٿئي ٿي ان ڏينهن کان سندس تڪليفن جي ڪهاڻي شروع ٿئي ٿي ۽ آخرڪار سور سهي سهي



## ٻيو رُخ

هڪ ڏينهن موت جو شڪار ٿي وڃي ٿي.
اسان جو سماج عورت کي انسان جي حيثيت ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. عورت کي هزارين سال پراڻين ريتن، رسمن ۽ رواجن جي پيٽ چاڙهيو ٿو وڃي. عورت کي ڪڏهن پيءُ، ڪڏهن ڀاءُ، ڪڏهن مڙس، ۽ ڪڏهن ڏيرن، چاچن يا مامن جي عزت جي ڪري قربان ڪيو ٿو وڃي.
زماني جا سور سهڻ واري عورت جا سڀ انساني بنيادي حق کسجي وڃن، اهڙي سماج جي ترقي ممڪن ناهي. اسان جي سماج کي جيڪڏهن ترقي ڪرڻي آهي ته انهي فرسوده سوچ کي ختم ڪرڻو پوندو.
دنيا جي سوين تحقيقن اهو ثابت ڪيو آهي ته عورت به مرد وانگر باصلاحيت، طاقتور، ذهين ۽ اڳواڻ ٿيڻ جون سڀ صلاحيتون رکي ٿي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سماج عورت ڏانهن پنهنجي رويي کي تبديل ڪري ۽ اهي سڀ موقعا جيڪي هڪ مرد کي ڏنا وڃن ٿا اهي عورتن کي ڏنا وڃن ته توهان ڏسندو ته عورت به ملڪ جي ڪارآمد شهري بڻجي سگهي ٿي، بهترين اڳواڻ ٿي سگهي ٿي.
عورت جي زندگي کي بهتر ڪرڻ ۽ انهن کي گهر توڙي ملڪ جو ڪارآمد شهري بنائڻ لاءِ اسان کي عورتن جي ترقي لاءِ خاص پروگرام ترتيب ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي. عورت جڏهن تعليمہ يافتہ ٿيندي، پنهنجو روزگار ڪرڻ لڳندي ۽ پنهنجي سيني سياسي ۽ سماجي حقن کان آگاهہ هوندي تہ پوءِ اها پنهنجو بہ تحفظ ڪري سگهندي ۽ ملڪ ۽ قومہ جي ترقي ۾ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهندي.
سنڌ اندر عورتن جي ڀلائي لاءِ ڪيترائي پروگرام هلي رهيا آهن ۽ عورتن جي معاشي حالتن کي بهتر ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن جيڪي پڻ ساراهہ جوڳيون آهن پر جنهن عورت کي تعليم ناهي، ڪيس بنيادي حقن جي ڄاڻ ناهي اها عورت پنهنجو تحفظ نہ ڪري سگهندي ۽ ڪٿي نہ ڪٿي وري بہ ڪنهن نہ ڪنهن ظلم جو شڪار ٿيندي. تنهنڪري هنن سيني پروگرامن سان گڏوگڏ عورتن جي بنيادي حقن جي ڄاڻ جا تربيتي پروگرام پڻ ڪرائڻ جي سخت ضرورت آهي.

**عورتن جي زندگي کي بهتر ڪرڻ ۽ انهن کي گهر توڙي ملڪ جو ڪارآمد شهري بنائڻ لاءِ اسان کي عورتن جي ترقي لاءِ خاص پروگرام ترتيب ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي. عورت جڏهن تعليمہ يافتہ ٿيندي، پنهنجو روزگار ڪرڻ لڳندي ۽ پنهنجي سيني سياسي ۽ سماجي حقن کان آگاهہ هوندي تہ پوءِ اها پنهنجو بہ تحفظ ڪري سگهندي ۽ ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۾ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهندي.**



## ٻيو رُخ

انهيءَ لاءِ اهو تمام ضروري آهي ته عورتن جي بنيادي حقن جي ڄاڻ لاءِ آگاهي پروگرام ترتيب ڏجن ۽ عورتن توڙي مردن ۾ معلوماتي پروگرام ڪرايا وڃن.

سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت عورتن جي حقن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ تمام بهترين قانون سازي ڪئي آهي، جنهن ۾ ڪم ڪرڻ جي جاءِ تي حراسمينٽ کان تحفظ جو قانون 2010ع، ننڍي عمر جي ٻارن جي شادي جي روڪٿام جو قانون 2013ع ، گهريلو تشدد جي روڪٿام ۽ تحفظ جو قانون 2013ع ۽عورتن خلاف ريتن ۽ رسمن ذريعي ٿيندڙ تشدد جي خاتمي جو قانون 2011ع شامل آهن. اهي قانون يقينن ساراهه جوڳو عمل آهي پر اها قانون سازي اجا تائين صرف ڪاغذن ۾ ٿيل آهي ۽ عورتن کي انهي مان ڪو به خاطر خواهه لاڀ حاصل ناهي ٿيو. ان جا به ڪيترائي ڪارڻ آهن پر اسان سمجهون ٿا ته جيڪي ادارا عورتن جي معاشي ترقي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن، انهن کي عورتن جي سنجيده مسئلن تي ڪم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. نه ته هي معاشي پروگرام صرف انهن جي پيٽ گذر جو ذريعو ته ٿي سگهن ٿا پر



**عورتن سان صنف جي بنياد تي ٿيندڙ ناانصافين کي روڪڻ لاءِ ادارن اندر سخت پاليسيون ناهڻ ۽ انهن تي عملدرآمد جي تمام گهڻي ضرورت آهي ته جيئن اهڙو ماحول تيار ڪجي جتي عورت ۽ مرد بغير ڪنهن فرق ۽ خوف جي برابر جي بنياد تي ڪم ڪن ۽ برابري جا موقعا پڻ مهيا ڪيا وڃن.**

انهن کي بهتر زندگي ۽ اڳيان وڌڻ ۾ ڪا بهتر مدد نٿا مهيا ڪري سگهن.

چاڪاڻ ته صنفي امتياز سماج جي هزارين سال پراڻي بيماري آهي ۽ هي بيماري اسان جي ذهنن سان گڏوگڏ رت ۾ به گردش ڪرڻ لڳي آهي، سو انهي بيماري جي خاتمي لاءِ اسان کي منظم ۽ متحرڪ طريقي سان پنهنجو پروگرام ترتيب ڏيڻو پوندو ۽ عورتن سان صنف جي بنياد تي ٿيندڙ ناانصافي کي روڪڻ لاءِ ادارن اندر سخت پاليسيون ناهڻ ۽ انهن تي عملدرآمد جي تمام گهڻي ضرورت آهي ته جيئن اهڙو ماحول تيار ڪجي جتي عورت ۽ مرد بغير ڪنهن فرق ۽ خوف جي برابر بنياد تي ڪم ڪن ۽ برابر جا موقعا پڻ مهيا ڪيا وڃن. توهان حيران ٿي ويندو ته سنڌ جي عورت نه صرف سنڌ ۾ پر پاڪستان ۽ دنيا ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪنديون ۽ اسان جي ملڪ مان جهالت جو خاتمو آڻينديون. وقت سر پيچيده مسئلن کي سمجهڻ، انهن جي حل لاءِ تحقيق ۽ تجربا ڪرڻ سان ئي اسان بهتر نتيجا ماڻي سگهنداسين ۽ سنڌ کي هڪ بهتر روشن مستقبل ڏي وٺي ويندا سين.

### سرسوءَ ميڊيا

# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ءِ ميڊيا

## شايع ٿيل اهم خبرون جولاءِ - ڊسمبر 2020



سکر (جولاءِ23، 2020) سرسو ضلعي آفيس گهوٽڪي پاران يونين ڪائونسل يارو لنڊ ۽ جروار جي مستحق هاري گهراڻن ۾ گهريلو سطح تي غذائيت جي دستيابي ۽ آمدني وڌائڻ جي مقصد سان ڪچن گارڊننگ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. جيڪو سرسو پاران سنڌ حڪومت جي آن فارم واٽر مئنيجمينٽ حڪومت سنڌ جي شراڪتداري سان ورلڊ بئنڪ جي مالي مدد سان سنڌ جي 5 ضلعن ۾ شروع ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ ضلعو گهوٽڪي به شامل آهي. هي منصوبو سنڌ ايريگيٽيڊ ايگريڪلچر پروڊڪٽوٽي انهانسمينٽ پروجيڪٽ جي نالي سان شروع ڪيو ويو آهي.ان لاءِ غريب ترين گهراڻن جي عورتن کي ڪٽ ڏني پئي وڃي. ڪٽ ڀاڄين جي ٻج، اوزار، پاڻي جو ٽئنڪ ۽ ڊرپ ايريگيشن تي مشتمل آهي.

سکر (جولاءِ24، 2020) سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران هيلپ ايج جي سهڪار سان هلندڙ منصوبي هيٺ ڪرونا بابت تيار ڪيل جاڳرتا مواد بئنر، پمفليٽ ۽ اسٽيڪرز جي ورهاست ڪئي ويئي. جاڳرتا مواد جي ورهاست جو مقصد ڪرونا بابت عوامي جاڳرتا ۾ واڌاروآڻڻ آهي خاص طور تي احتياطي اپائن ۽ سرڪار پاران منظور ڪيل معياري ڪم جي



طريقن بابت ٻڌائڻ آهي ته جيئن خاص طور تي ڪم واري جڳهن تي معيارن تي عمل ڪري وبا کي روڪي سگهجي.

سکر (آگسٽ 11، 2020) آگسٽ 9، 2020 سونهري روشني لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن يو سي پيٽور تعلقي خانگڙهه پاران ڳوٺ علي محمد سيال ۾ وڻڪاري ڪئي ويئي، جنهن ۾ 27 ڳوٺاڻن ۽ عورتن ڀرپور حصو ورتو.




سکر (آگسٽ13، 2020) سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) هيٺين سطح تي مقامي سهڪاري تنظيمن سان گڏجي ڪرونا بابت عوامي جاڳرتا مهم هلائي رهي آهي. جنهن لاءِ

## سرسوءِ ميڊيا



نيشنل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر (اين سي او سي) سان سنڌ جي 10 ضلعن ۾ هڪ گڏيل ياداشت جو معاهدو (ايم او يو) پڻ صحيح ڪيو ويو آهي. جنهن هيٺ معاهدي ۾ شامل ضلعن جي ضلعي انتظاميه جي رابطاڪاري ذريعي يوسي سطح تي قائم لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) ۽ ڳوٺاڻي تنظيمن جي نمائندن کي ڪرونا بابت تربيت ڪرائي، جاڳرتا مواد مهيا ڪري ڳوٺ سطح تي سماجي تحرڪ ۽ جاڳرتا مهم جون سرگرميون ڪيون پيون وڃن.

سکر (ڊسمبر17، 2020) ڪرونا وبا خلاف جنگ جاري آهي، ڪاميابي اسان جي ئي ٿيڻي آهي. ان جي خاتمي تائين اسان سڀني کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. وبا جي روڪ لاءِ ڪميونٽي ادارن جو ڪردار به اهم آهي. انهن جي شرڪت ۽ سهڪار سان خاص طور تي هيٺين سطح تي اثرائتي طريقي سان ڪم ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري سرسو پاران ڪميونٽي ادارن سان گڏجي ڪرونا وبا خلاف لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ضلعن ۾ يورپين ڪميشن هيومينٽيرين آفيس ( ايڪو) ۽ رورل سپورٽ پروگرام نيٽ ورڪ (آر ايس پي اين) جي سهڪار سان عوامي جاڳرتا جو منصوبو شروع ڪيو ويو آهي.



سکر (سيپٽمبر6، 2021) سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران پاڪستان جي قومي دفاع جو ڏينهن ملهايو ويو. ان موقعي تي جنگ جي شهيدن کي ڀيٽا ڏيڻ ۽ قومي دفاع جي اهميت تي هيڊ آفيس سکر ۾ سيمينار ۽ ريلي جو بندوبست ڪيو. تقريب جو خاص مهمان ڊپٽي ڪمشنر سکر ۽ چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو جن هئا. جڏهن ته سرسو اسٽاف، ڪميونٽي ادارن، مختلف سرڪاري کاتن ۽ ميڊيا جي نمائندن شرڪت ڪئي.



# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)

## ڪم جي پُهچ ۽ ڪاميابين جو نچوڙ ڊسمبر 2020

### سرسو جي ڪم جي پهچ

| نمبر | عنوان | جون 2020 | ڊسمبر 2020 |
|---|---|---|---|
| 1 | ضلعن جو تعداد | 15 | 15 |
| 2 | تعلقن جو تعداد | 86 | 86 |
| 3 | يونين ڪائونسلن جو تعداد | 722 | 722 |
| 4 | ڳوٺن جو تعداد | 15,664 | 15,664 |
| 5 | منظم ڪيل گهراڻن جو تعداد | 1،200،484 | 1,269,274 |

### ڪميونٽي ادارن جو تفصيل

| نمبر | عنوان | جون 2020 | ڊسمبر 2020 |
|---|---|---|---|
| 1 | ڪميونٽي آرگنائيزيشنس (سي اوز) جو تعداد | 68،650 | 72,962 |
| 2 | وليج آرگنائيزيشنز (وي اوز) جو تعداد | 12،679 | 13,010 |
| 3 | لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنز (ايل ايس اوز) جو تعداد | 494 | 522 |

### مائڪرو فنانس مان فائدو وٺندڙن جو تفصيل

| نمبر | عنوان | جون 2020 | ڊسمبر 2020 |
|---|---|---|---|
| 1 | انڪم جينيريٽنگ گرانٽ (آءِ جي جي) مان فائدو وٺندڙ | 31،639 | 36,186 |
| 2 | ڪميونٽي انوسيٽمينٽ فنڊ (سي آءِ ايف) مان فائدو وٺندڙ | 214،227 | 237,252 |
| 3 | مائڪرو ڪريڊٽ پروگرام مان فائدو وٺندڙ | 756،718 | 776,580 |

### اهم تربيتن مان فائدو وٺندڙ ڪميونٽي ميمبرن جو تفصيل


| نمبر | عنوان | جون 2020 | ڊسمبر 2020 |
|---|---|---|---|
| 1 | هنري مهارتن جي سکيا وٺندڙ ڪميونٽي ميمبرن جو تعداد | 74،929 | |
| 2 | تربيت يافته ڪميونٽي ميمبرن جو | 425،680 | 364,042 |
| | تعداد | | |
| 3 | روايتي داين جي تربيت (ٽي بي ايز) | 4،777 | 4,777 |

### اهم پروگرامن يا خدمتن مان فائدو وٺندڙن جو تفصيل

| نمبر | عنوان | جون 2020 | ڊسمبر 2020 |
|---|---|---|---|
| 1 | مائڪرو هيلٿ انشورنس مان فائدو حاصل ڪندڙ گهراڻا | 672،985 | 898,080 |
| 2 | ڪميونٽي تعميراتي ڍانچي (سي پي آئيز) جو تعداد | 26،747 | 26,886 |
| 3 | تعميراتي ڍانچي مان فائدو وٺندڙ گهراڻا | 266،487 | 278,405 |
| 4 | گهٽ خرچ گهرن جي تعداد | 21،701 | 23,016 |
| 5 | پولٽري مان فائدو وٺندڙن جوتعداد | 20،221 | 20,921 |
| 6 | پوکيل وڻن جو تعداد | 839،386 | 857,540 |
| 7 | گهريلو سطح تي پوکيل سبزين جو تعداد | 16،878 | 18,878 |

### انساني وسيلن جي ترقي

| نمبر | عنوان | جون 2020 | ڊسمبر 2019 |
|---|---|---|---|
| 1 | هنري سکيا لاءِ ڪميونٽي ميمبرن کي مهيا ڪيل اسڪالرشپس | 74،929 | 83,193 |
| 2 | ڪميونٽي مئنيجمينٽ اسڪلز ٽريننگ تي تربيت يافته ڪميونٽي ميمبرن جو تعداد | 350،751 | 364,042 |
| 3 | مختلف موضوعن تي مهيا ڪيل تربيت يافته سرسو اسٽاف | 6،594 | 6,750 |



# سنڈ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس، شکارپور روڈ، سکر (سنڈ)
فون 071-56271820 فیکس 071-5627182-111
ویب سائیٹ www.srso.org.pk